ماهوار
# بيداري
حيدرآباد

شمارو:- - فيبروري - مارچ 2026
قيمت: ٢٥ رپيا

ايڊيٽر
محمد موسيٰ ڀٽو

موبائيل نمبر
03463216078

مجلسِ ادارت
- پروفيسر عبدالرحمان جتوئي
- علي اڪبر راهمون
- مولانا محمد رمضان مهيري

E.Mail
m.moosabhutto@gmail.com
www.bedarimillat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ | محمد موسيٰ ڀٽو | ٢ |
| | عنايت الله | |
| ايبسٽن فائلز- مغربي تهذيب جي خوفناڪ شڪل | علي اڪبر راهمون | ١٢ |
| جديد تهذيب جي علمبردارن جو | محمد موسيٰ ڀٽو | ١٥ |
| انسانيت جي حوالي سان ڪردار | آمنہ حامد زبيدي | |
| مغربي تهذيب ڪي مادي تهذيب | آمنه حامد زبيدي | ٢١ |
| بنائڻ ۾ فلاسافرن جو ڪردار | محمد موسيٰ ڀٽو | |
| سمارٽ فون ۽ سوشل ميڊيا جا نقصانات | ڊاڪٽرمبشرحسين رحماني | ٢٦ |
| | آمنه حامد زبيدي | |
| وصيت نامو | آمنہ حامد زبيدي | ٣٤ |
| ڇا مذهب هڪ نشو آهي؟ | تحرير: شاهنواز فاروقي | ٣٨ |
| | ترجمو: ضمير حسين لغاري | |
| نفسياتي مونجهارن جو حل، سيرتِ طيبہ جي روشنيءَ ۾ | عبدالباسط | ٤٣ |
| ايمان ۽ سائنس: راهون جدا، حقيقت واحد: | علي اڪبر راهمون | ٥٤ |
| (هڪ جامع فڪري جائزو) | | |
| نفس جي سڌاري جو طريقو | محمد موسيٰ ڀٽو | ٦٢ |
| ۽ زندگيءَ جو دستور العمل | عبدالغني دايو | |
| اسان جا ڪجھ اهم معاملات | محمد موسيٰ ڀٽو | ٦٩ |
| احاديث نبوي جي روشني ۾ | عنايت الله | |




مستقل سلسلو

محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله

# قرآن جو پيغام اسان جي نانءِ

## قرآن جي اٺارهين پاري ۾ حضرت نوح جي حوالي سان آهي:

"۽ اسان نوح کي پنهنجي قوم ڏانهن موڪليو، پوءِ هن چيو: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، سندس سواءِ ڪو معبود ناهي. ڇا اوهين نٿا ڊڄو؟"

ان تي انهن جي قوم جا اهي سردار، جيڪي ڪافر هئا، چوڻ لڳا:

"اهو تہ اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهي ۽ اوهان تي وڏائي حاصل ڪرڻ ٿو چاهي."(سورت المؤمنون، آيت ٢٣)

ساڳئي سورت ۾ ٻي جاءِ تي آهي:

"انهن جي قوم جا سردار، جيڪي ڪافر هئا ۽ آخرت کي ڪوڙ سمجهندا هئا ۽ دنيا جي زندگي ۾ اسان انهن کي آسودگي ڏني هئي، چيائون: اهو تہ اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهي. جيڪڏهن اوهين ان جو چيو مڃيندؤ تہ اوهين نقصان ۾ پئجي ويندؤ."(سورت المؤمنون، آيتون ٣٤-٣٣)

قرآن ۾ اهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي حوالا آهن، جيڪي ظاهر ڪن ٿا تہ سرداري ۽ مالداري جي ڪري انهن جي اندر وڏائي ۽ الله جي نافرماني جو مزاج پختو ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري اهي حق ۽ صداقت جي پيغام جي مخالفت ۾ اڳيان اڳيان رهيا. ٻيو تہ انهن سردارن اهڙو نظام قائم ڪيو هو، جنهن جي ڪري عام ماڻهو انهن جي پيرويءَ ۾ اچي ويا هئا، ٻين لفظن ۾ چئجي تہ اهي سندن فڪر جي جادوءَ ۾ جڪڙجي ويا هئا.

تقريباً هر دور ۾ حق ۽ صداقت جي پيغام کي رد ڪرڻ ۾ سردارن، سيادن ۽ مالدارن جي اها ئي روش رهي آهي. موجوده دور ۾ بہ عالمي سطح

کان وني ملڪن ۽ قومن جي سطح تي تجزيو ڪجي ته معلوم ٿيندو ته وڏن ماڻهن اهڙو نظام ٺاهيو آهي، جيڪو مادي دنيا کي ترجيح ڏيڻ ۽ ماديت پسنديءَ تي ٻڌل آهي، جنهن جي ڪري حق ۽ صداقت جي ڳالهه کي قبول ڪرڻ جو مزاج نٿو رهي.

هر جماعت وٽ صحيح ۽ غلط

## جو پنهنجو معيار هجڻ:

"كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ"(سورت الروم، آيت ٣٢)

(هر جماعت جيڪو ڪجهه وٽس آهي، ان تي ئي خوش آهي.)

هن آيت ۾ انساني مزاج جي ان خرابيءَ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ته هر گروهه صحيح ۽ غلط جو جيڪو معيار اختيار ڪيو آهي، اهو سندن پنهنجو ئي گروهي معيار آهي. ڇو ته جڏهن گروهه پاڻ معيار بڻجي وڃي ٿو ته وري سچائيءَ کي گروهي حدن کان مٿي ٿي سمجهڻ جي صلاحيت وڃائجي وڃي ٿي.

عيسائي، يهودي، مجوسي، هندو مت، ٻڌ مت ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو پنهنجن پنهنجن گروهي معيارن کي مڪمل حق سمجهي خوش آهن، حالانڪ حق ته صرف هڪ ئي آهي، جيڪو توحيد، رسالت، آخرت جي عقيدي، ۽ الله جي اطاعت تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ خالص الله جي عبادت به شامل آهي.

مسلمان امت به مختلف جماعتن ۾ ورهائي وئي آهي، جتي هر جماعت پنهنجي سوچ جي بنياد تي هڪ گروهه ٺاهيو آهي، ۽ انهيءَ گروهه کي صحيح ۽ غلط جو معيار بڻايو آهي. خير، مسلم امت جا اختلاف ايترا سخت ناهن، جو سندن حق ۽ باطل جا معيار الڳ الڳ ٿين. انهن جا اختلاف اڪثر علمي، اسلامي تعليمات جي تشريح، يا فقهي نوعيت جا آهن.

ان هوندي به اسان جي نظر ۾ صحيح واٽ اها آهي، جيڪا قرآن، سنت ۽ صلحاءِ امت جي متفقه واٽ آهي. جيڪڏهن انهيءَ واٽ تي هلندڙ ماڻهو



خوش آهن ته اهي بجا آهن. باقي امت جي ٻين گروهن کي به انهيءَ راهه تي اچڻو پوندو.

## دين کي راهه آسان ڪندڙ خوبيون:

فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَاتَّقَىٰ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنَىٰ فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْيُسْرَىٰ، وَأَمَّا مَنْ بَخِلَ وَاسْتَغْنَىٰ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنَىٰ فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْعُسْرَىٰ (سورت الليل، آيت 5–10)

(۽ جيڪو (الله جي راهه ۾) مال ڏئي ٿو ۽ الله کان ڊڄي ٿو ۽ سٺين ڳالهين جي تصديق ڪري ٿو، ته اسان ان کي آسان راهه لاءِ سهولت ڏينداسين.

۽ جيڪو اناڙپ ڪندو آهي، پاڻ کي بي نياز سمجهندو آهي، ۽ سٺي ڳالهه کي ڪوڙ سمجهندو آهي، ته اسان ان سخت رستي جي سهولت ڏيندا آهيون.)

انهن آيتن جي منڍ ۾ اهڙيون خوبيون بيان ڪيون ويون آهن، جيڪي ڪنهن فرد ۾ موجود هجن ته الله تعاليٰ ان لاءِ دين تي هلڻ جي راهه کي آسان ڪري ڇڏيندو، ايمان ۽ عمل صالح جي زندگي ان لاءِ سولي ٿي ويندي، ۽ جنت ان جو ٺڪاڻو ٿيندو.

انهن خوبين مان پهرين خوبي الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ آهي. مال خرچ ڪرڻ سان بخل ۽ تنگ دلي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ دل ۾ سخاوت اچي ٿي.

ٻي خوبي تقويٰ آهي، يعني الله کان ڊڄندي زندگي گذارڻ. جيڪو الله کان ڊڄندو آهي، اهو الله جي نافرمانين کان پاڻ کي بچائيندو آهي.

ٽين خوبي آهي سٺين ڳالهين (يعني ايمان، جنت، قرآن وغيره) جي تصديق ڪرڻ.

جيڪو ماڻهو انهن خوبين سان سينگاريل هجي، ان لاءِ نيڪي جي راهه آسان ٿي ويندي ۽ ان جي رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ٿي وينديون.

آيتن جي ٻئي حصي ۾ اهڙي فرد جو ذڪر آهي، جنهن لاءِ دين تي هلڻ، الله ۽ سندس رسول جي اطاعت، ۽ خداپرستي ڏکيو بڻجي ويندو. اهڙي ماڻهو جون خراب خصلتون هيٺيون آهن:

– مال ۾ بخل ڪرڻ،
– الله ۽ رسول جي حڪمن کان بي پرواهه ٿيڻ،
– سٺين ڳالهين کي ڪوڙ سمجهڻ.

اهڙن ماڻهن لاءِ الله دين تي هلڻ جي راهه ڏکي ڪري ڇڏيندو آهي.

## دوزخ کان بچندڙ ماڻهو جون خوبيون:

وَسَيُجَنَّبُهَا الْأَتْقَى، الَّذِي يُؤْتِي مَالَهُ يَتَزَكَّىٰ (سورت الليل، آيت 17–18)

(۽ اهو تمام گهڻو پرهيزگار شخص ان (دوزخ) کان بچايو ويندو، جيڪو پنهنجو مال الله جي راهه ۾ انهيءَ نيت سان ڏئي ٿو ته هو پاڪ صاف ٿي وڃي.)

انهن ٻن آيتن ۾ انهن ماڻهن جون خوبيون بيان ڪيون ويون آهن، جيڪي دوزخ کان بچي ويندا.

پهريائين خوبي آهي تقويٰ—اهڙو ماڻهو الله کان تمام گهڻو ڊڄندڙ هوندو آهي، الله جو خوف ان جي دل تي غالب هوندو آهي.

ٻي خوبي اها آهي ته اهو شخص الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪري ٿو ۽ انهيءَ نيت سان ڪري ٿو ته سندس نفس پاڪ ٿئي، سندس اخلاق سنورجن، ۽ هو مهذب انسان بڻجي.

اهي ٻئي خوبيون انتهائي اهميت واريون آهن.

تقويٰ هڪ مستقل عمل آهي، جيڪو انسان جي شخصيت ۾ پرهيزگاري، احتياط ۽ الله جي حاضري جو شعور پيدا ڪري ٿو. اهڙو شخص هر وقت ان احساس ۾ رهي ٿو ته "الله مونکي ڏسي رهيو آهي"، تنهنڪري هو ڪنهن به عمل ۾ بي راستيءَ کان بچي ٿو.

الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ سان نفس تي ضابطو حاصل ٿئي ٿو.



هيءَ آيت ٻڌائي ٿي ته تزڪيه نفس (يعني نفس کي پاڪ ڪرڻ) جو هڪ طريقو به اهو آهي ته ماڻهو دل سان الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪري.

چاڪاڻته انسان جو دل مال سان جڙيل هوندو آهي، مال سان محبت فطري آهي، تنهنڪري جيڪو ماڻهو ان محبت کي الله جي راهه ۾ قربان ڪري، ان جو نفس سڌرڻ لڳي ٿو.

اهي خوبيون جنهن ماڻهو ۾ موجود هجن، ان لاءِ قرآن خوشخبري ڏئي ٿو ته اهو ماڻهو دوزخ کان بچايو ويندو.

## پنهنجو معاملو الله جي حوالي ڪرڻ:

وَأُفَوِّضُ أَمْرِي إِلَى اللَّهِ (سورت المؤمن، آيت 44)

(مان پنهنجو معاملو الله جي حوالي ٿو ڪريان.)

مؤمن بندو جڏهن ڏکي کان ڏکي ڪم کي سرانجام ڏئي ٿو ته اهي ئي لفظ چوي ٿو: "مان پنهنجو معاملو الله جي حوالي ٿو ڪريان."

الله تعاليٰ پوءِ اهڙي ماڻهو کي حالتن جي رحم و ڪرم تي نٿو ڇڏي، بلڪ پاڻ ئي ان جي سڀني ڏکين ڪمن لاءِ ڪافي ٿي وڃي ٿو ۽ ان لاءِ نڪرڻ جا رستا پيدا ڪري ٿو.

هي لفظ قرآن مجيد ۾ سورت المؤمن ۾ آيا آهن، جتي فرعون جي درٻار ۾ هڪ مؤمن شخص جي ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي.

اهو مؤمن فرعون جي قوم مان هو ۽ سندس سلطنت جي اهم شخصيتن مان هڪ هو. جڏهن فرعون جا درٻاري حضرت موسيٰ عليه السلام کي قتل ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪن ٿا، تڏهن اهو مؤمن، جيڪو ان وقت تائين پنهنجو ايمان لڪائي ويٺو هو کلي ميدان ۾ اچي ٿو.

ان مؤمن شخص، فرعون ۽ سندس درٻاري همراهَن جي سامهون جيڪا ڳالهه ڪئي، اها نهايت اهم ۽ ايمان واري شخص جي حوصلي ۽ همت کي وڌائيندڙ گفتگو هئي.

اهو بيان قرآن مجيد ۾ ٻن رڪوعن تي مشتمل آهي، جيڪو ايمان ۽ استقامت جو هڪ زبردست مثال آهي.

هدايت واري راهہ تي هلندڙ ماڻهن

## جي هدايت ۾ واڌارو ٿيندو رهندو:

**وَالَّذِينَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَآتَاهُمْ تَقْوَاهُمْ** (سورت محمد، آيت 17)

(جي ماڻهو هدايت تي آهن، الله سندن هدايت ۾ واڌارو ڪري ٿو ۽ انهن کي تقويٰ عطا ڪري ٿو.)

هن آيت ۾ مؤمن بندي کي خوشخبري ڏني وئي آهي تہ جڏهن هو هدايت واري راهہ تي هلڻ شروع ڪري ٿو تہ الله ان لاءِ سهولتون پيدا ڪندو آهي، راهہ هدايت ۾ ايندڙ مشڪلاتون آهستي آهستي ختم ٿينديون وڃن ٿيون، سندس ايمان ۽ عمل ۾ بهتري اچي ٿي، سندس هدايت ۽ تقويٰ ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو.

يعني مؤمن انسان ايمان يا هدايت جي لحاظ کان هڪ ئي درجي تي نہ بيهندو آهي، پر سندس روحاني حالت ترقي ڪندي رهندي آهي.

پر شرط اهو آهي تہ بندو اصولن مطابق هلي - اهڙن اصولن ۾ هي ڳالهيون شامل آهن: دنيا پرستن سان دوستاڻا لاڳاپا قائم نہ ڪرڻ، وقت جو صحيح استعمال ڪرڻ، الله جي ذڪر ۽ عبادت ۾ مشغول رهڻ.

جيڪڏهن ڪو شخص اهڙي روش اختيار ڪري هدايت جي راهہ تي هلندو، تہ نتيجي طور الله تعاليٰ سندس لاءِ هدايت جا در کولي ڇڏيندو ۽ کيس نفس جي طاقت تي ضابطو آڻڻ جي صلاحيت عطا ڪندو.

اگرچہ نفس، شيطان ۽ دنياوي ماحول طرفان رڪاوٽون ضرور اينديون، پر جيڪو استقامت اختيار ڪندو، ان لاءِ الله جي مدد شامل حال ٿيندي.

جيڪڏهن ڪو شخص نفس جي هٿان هارائي وڃي، تہ الله ان کي ٻيهر سنڀالي ٿو، کيس ٻيهر هلڻ جي توفيق عطا ڪري ٿو.



اهڙي حالت مؤمن شخص سان بار بار پيش ايندي رهي ٿي، تان جو هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو هداڪت ۽ تقويٰ سندس اندر راسخ ٿي وڃن ٿا، ۽ پوءِ هو انهن کان سواءِ رهي ئي نٿو سگهي.

قرآن پاڪ ۾ اهڙي معنيٰ واري ٻي آيت بہ آهي:

**وَيَزِيدُ اللَّهُ الَّذِينَ اهْتَدَوْا هُدًى** (سورت مريم، آيت 76)

(جي ماڻهو هدايت يافتہ آهن، الله سندن هدايت ۾ واڌارو ڪري ٿو.)

انسان ۾ برائي ۽ چڱائي

## جي سڃاڻپ موجود آهي:

**وَنَفْسٍ وَمَا سَوَّاهَا فَأَلْهَمَهَا فُجُورَهَا وَتَقْوَاهَا** (سورت الشمس، آيت 7-8)

(قسم آهي نفس جي ۽ ان جي جنهن ان کي سنواريو، پوءِ ان کي ان جي برائي ۽ پرهيزگاري جو شعور ڏنو.)

هن آيت ۾ اها حقيقت بيان ڪئي وئي آهي تہ انسان جي تخليق اهڙي طريقي سان ڪئي وئي آهي جو ان جي اندر برائي ۽ چڱائي، بدڪاري ۽ پرهيزگاري- ٻئي لاڙا رکيا ويا آهن.

جيڪڏهن انسان چاهي تہ نيڪي واري راهہ اختيار ڪري، تہ ان جي فطرت ۾ اهڙا زبردست رجحان رکيل آهن، ۽ دل ۽ روح اهڙي راهہ تي هلڻ ۾ ان جي مدد ڪن ٿا.

پر جيڪڏهن ڪو انسان برائي جي راهہ اختيار ڪرڻ چاهي، يا ماديت پرستي کي زندگي جو مقصد بڻائي، تہ ان لاءِ بہ سندس نفس جي طاقت موجود آهي، جيڪا سدائين ان کي برائيءَ لاءِ اڀاري ٿي.

يعني انسان کي ڪنهن هڪ راهہ تي هلڻ جو پابند نہ ڪيو ويو آهي، بلڪہ ان جي اندر ٻنهي راهن تي هلڻ جي آزادي ۽ صلاحيت موجود آهي.

انسان جي آزمائش ئي ان ڳالهہ ۾ رکيل آهي تہ هو نيڪي ۽ بڇائي جي وچ ۾ هلندڙ هن مسلسل جنگ ۾ ڪهڙي طرف جو انتخاب ڪري ٿو.

دل ۾ روح جا تقاضا آهن تہ انسان الله جي محبت ۾ نيڪي، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي راهہ اختيار ڪري، جڏهن تہ نفس جا تقاضا آهن تہ انسان خواهشن جي پيروي ڪري، ڇو تہ خواهشن ۾ ظاهري لذت رکيل آهي. دل ۽ نفس جي وچ ۾ هلندڙ انهيءَ تڪرار جي حالت ۾ جيڪو شخص نفس کي سنوارڻ، پاڪ ڪرڻ ۽ ان تي ضابطو آڻڻ لاءِ مجاهدو ڪندو،

تہ ايندڙ آيت ۾ اهڙي شخص لاءِ ڪاميابيءَ جي خوشخبري ڏني وئي آهي.

انساني الميو اهو آهي تہ لڳ ڀڳ هر دور ۾ انسان پنهنجي فطرت ۾ موجود نيڪيءَ جي زبردست تقاضن کي نظرانداز ڪري اهڙو رياستي نظام ۽ سماج جوڙي ٿو جنهن ۾ ماڻهن لاءِ خواهشن جي پيروي ڪندي زندگي گذارڻ آسان ٿئي، ۽ عيش و آرام جي شين سان محبت پيدا ٿئي.

اِهو ئي سبب آهي جو تمام ٿورا ماڻهو اهڙا ٿين ٿا، جيڪي پنهنجي اندر رکيل نيڪيءَ جي سڏ تي لبيڪ چون ٿا، ۽ الله جي رضا موجب زندگي گذارين ٿا، استقامت سان الله جي راهہ تي هلن ٿا. انسان جي سڄي تاريخ نيڪي ۽ بدي جي قوتن جي وچ ۾ انهيءَ ڪشمڪش سان ڀريل رهي آهي.

## آخرت جو گھر پرهيزگارن لاءِ:

وَالدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ (سورت الاعراف، آيت 169)

(۽ آخرت جو گھر تہ پرهيزگارن لاءِ بهتر آهي، ڇا اوهين سمجهو ٿا نہ؟)

هيءَ آيت ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿي تہ آخرت جو انعام ۽ سدا قائم رهندڙ گھر رڳو انهن ماڻهن لاءِ آهي، جيڪي تقويٰ اختيار ڪن ٿا، يعني جيڪي دنيا جي عارضي زينتن ۽ خواهشن تي آخرت جي دائمي زندگيءَ کي ترجيح ڏين ٿا.

اهڙا ماڻهو سدائين الله جي خوف هيٺ زندگي گذارين ٿا. انهن جي دل ۾ هميشہ هيءَ ڳالهہ موجود هوندي آهي تہ هڪ ڏينهن کين الله جي آڏو پيش ٿي، پنهنجي زندگيءَ جي سڀني عملن جا جواب ڏيڻا آهن.



اهو ئي خدا جو خوف انهن جي زندگيءَ جو شعار بڻجي ويندو آهي، ۽ ان حالت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اهي مسلسل مجاهدو ڪن ٿا . يعني الله جي ذڪر، عبادت ۽ بندگيءَ ۾ پاڻ کي مشغول رکن ٿا. اهڙي طرح انهن تي الله جي حضوري جو احساس غالب ٿيندو وڃي ٿو ۽ نتيجي طور انهن لاءِ آخرت جو گھر بهترين انعام بڻجي ٿو.

## سچي واٽ وٺائيندڙ خوشنصيب ماڻهو:

وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ (سورت الاعراف، آيت 181)

(۽ اسان جي پيدا ڪيل ماڻهن مان هڪ جماعت اهڙي بہ آهي، جيڪا حق جي واٽ وٺائي ٿي ۽ ان حق سان انصاف بہ ڪري ٿي.)

هيءَ آيت انهن خوشنصيب ماڻهن جي تعريف ڪري ٿي، جيڪي ماڻهن کي هر حال ۾ الله جي واٽ ڏانهن سڏي رهيا آهن. جنهن حق ڏانهن اهي سڏين ٿا، سندن پنهنجي زندگي بہ ان حق جي عملي تصوير هوندي آهي.

اهڙا ماڻهو حقيقت ۾ علماء رباني هوندا آهن.

هڪ حديث پاڪ ۾ انهن کي بني اسرائيل جي نبين جي برابر سڏيو ويو آهي.

دين جي تعليمات انهن جي ئي محنتن سان اڳتي وڌي ٿي، اهي الله جي مخلوق ۾ بهترين ماڻهو آهن، جيڪي نہ فقط پنهنجي آخرت سنواري رهيا آهن، پر ٻين جي نجات لاءِ بہ جاکوڙ ۾ آهن. اهڙن بي لوث ۽ مخلص داعين جي ڪوشش سان ئي سماج جي سڌاري جا در کُلن ٿا، ۽ ماڻهن جي زندگين ۾ حق، عدل ۽ سچائي داخل ٿئي ٿي.

## الله جي نعمت دل جي سٺي حالت سان لاڳاپيل آهي:

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ (سورت الانفال، آيت 53)

(اهو انهيءَ ڪري آهي جو الله ڪنهن قوم تي جيڪا نعمت ڪئي هوندي آهي، تہ ان کي تيسين نہ ٿو بدلي، جيستائين اهي پاڻ پنهنجي حالت نہ بدلائن.)

هن آيت ۾ اهو نڪتو بيان ٿيو آهي تہ الله جي طرفان ملندڙ نعمت دل جي سٺي حالت جي ڪري عطا ٿيندي آهي ۽ هي نعمت تيسين جاري رهندي آهي، جيستائين ماڻهن جي دلين ۾ فساد پيدا نہ ٿئي. جيئن ئي دلين ۾ دنيا پرستي، حرص، ۽ خرابيون اچي وڃن ٿيون، تہ الله ان نعمت کي واپس وٺي ڇڏي ٿو.

يعني بندن سان الله جو سلوڪ سندن دل جي حالت مطابق ٿيندو آهي. جيئن حالت دلين جي، تيئن الله جو فيصلو! اهو چوڻ بلڪل درست ٿيندو تہ پاڪ دليون ئي الله جي انعامن کي پاڻ ڏانهن ڇڪينديون آهن. ان ڪري دل جي اصلاح وارو ڪم اهميت رکي ٿو. افسوس جو هن دور ۾ دل جي سڌاري کي غير ضروري سمجهي ڇڏيو ويو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اسين الله جي نعمتن کان محروم ٿي وياسين، ۽ ان جي سزا ڀوڳي رهيا آهيون.



علي اڪبر راهمون

# ايبسٽن فائلز- مغربي تهذيب جي خوفناڪ شڪل

اڄ جڏهن مغرب جي مدي خارج ۽ تعفن زده تهذيب جا پردا چاڪ ٿي رهيا آهن، تہ جيفري ايبسٽين (Jeffrey Epstein) جهڙا ڪردار رڳو هڪ فرد طور نہ، پر هڪ پوري نظام جي ناڪامي ۽ غلاظت بڻجي سامهون آيا آهن. اها دنيا جيڪا اسان کي صبح شام "انساني حقوق"، "عورتن جي آزادي" ۽ "ٻارن جي تحفظ" جا ڊرامائي درس ڏيندي هئي، اڄ پنهنجي ئي گناهن جي گپ ۾ اگهاڙي ٿي بيٺي آهي.

مغرب جو لبرل يا سيڪيولر ماڻهو عقل جو ديوتا يا هوس جو پوڄاري؟

اسان جي معاشري جا "ديسي لبرلز" ۽ "ملحد" جيڪي مغرب جي انڌي تقليد ۾ پنهنجي دين ۽ روايتن کي "پراڻو" ۽ "ظالماڻو" قرار ڏين ٿا، اڄ اهي ايبسٽين جي فائلن تي خاموش ڇو آهن؟ ايبسٽين جو اهو جزيرو ڪو معمولي تفريح گاهہ نہ هو پر اهو الحاد ۽ سڪيولرزم جي ان آخري حد جو نالو آهي جتي خدا جو خوف ختم ٿيڻ کان پوءِ انسان 'اشرف المخلوقات' تان ڪري 'ارذل المخلوقات' بڻجي وڃي ٿو. اتي وڏا وڏا سائنسدان، جن کي ملحد عقل جو ديوتا چون ٿا، ۽ اهي سياستدان جيڪي دنيا کي اخلاقيات سيکارين ٿا، معصوم ٻارڙن جي رت ۽ عصمت سان پنهنجي هوس جي پياس اجهائي رهيا هئا.

## منافقت جي انتها: نڪاح جرم، زناڪاري ۽ استحصال 'آزادي'!

مغربي لبرل نظام جي منافقت ڏسو! جيڪڏهن اسان جو ڪو مسلمان ڀاءُ سنتِ نبوي ﷺ ۽ شرعي تقاضن موجب نڪاح ڪري ذميواري کڻي ٿو

تہ انھن جي NGO مافيا کي "ٻارن جا حق" ياد اچي وڃن ٿا. پر جڏهن انهن جا پنهنجي طاقتور اشرافيہ معصوم ٻارڙين کي اغوا ڪري، ڪين جنسي غلام بڻائي جزيرن تي قيد ڪن ٿا، تہ ان کي "ذاتي زندگي" ۽ "آزادي" جو نالو ڏنو وڃي ٿو. ڇا اها ئي آهي اها تهذيب جنهن جا قصيدا اسان جا ترقي پسند سول سوسائٽي وارا ۽ روشن خيال ڪامريڊ پڙهن ٿا؟

افسوس آهي انهن تي جيڪي لبرلزم جي نالي تي حيوانيت ۽ درندگيء کي پروان چاڙهي رهيا آهن!

## اسلامي نظام ئي واحد پناهہ گاهہ آهي:

ايپسٽين فائلز ثابت ڪيو آهي تہ جنهن معاشري ۾ ’حيا‘ جو تصور ختم ٿي وڃي ۽ جتي ’آزاد خيالي‘ جي نالي تي مذهب کان بغاوت ڪئي وڃي، اتي پوءِ رڳو طاقتور جو قانون هلندو آهي. اسلام اسان کي جيڪو خانداني نظام، شرم و حيا ۽ محرم و نامحرم جو درس ڏنو آهي، اهو ئي انسانيت جي بقا جو واحد رستو آهي.

اسرائيلي ايجنسي ’موساد‘ جو نالو سامهون اچڻ ان ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ هي سڄو لبرل ۽ ملحدن جو لڏو اصل ۾ عالمي صهيونيت جي اشارن تي هلي رهيو آهي. اهي ويڊيو ڪلپس ۽ بليڪ ميلنگ جا ڄار رڳو عياشي نہ، پر سڄي دنيا جي پاليسين کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ آهن. حاضر وقت ۾ طاقتور، انساني حقن جي علمبردار مملڪتن جا سربراهہ ۽ وڏن منصوبن تي فائز شخصيتون بہ ايپسٽن جي حمام ۾ ننگيون آهن.

## غيرت مند مسلمانن لاءِ لمحه فڪر:

اي منهنجي قوم جا جوانؤ! اي غيرت مند مسلمانو! هوش ڪريو. مغرب جي ملحدن ۽ سيڪيولرن جو اهو ٽولو ۽ اها چمڪندڙ تهذيب اصل ۾ هڪ



قبرستان آهي جنهن ۾ انساني اخلاق دفن ٿي چڪا آهن. اسان کي پنهنجي اسلامي اقدار تي فخر ڪرڻ گهرجي. اسان کي احساسِ ڪمتري مان نڪرڻو پوندو. ايپسٽين جا فائلز رڳو ڪاغذ جا ٽڪرا ناهن، پر اهي لبرلزم جي منهن تي هڪ اهڙي چماٽ آهن جنهن جو نشان تاريخ ۾ هميشہ رهندو.

ياد رکو! جڏهن ڪو معاشرو الله جي حدن کي اورانگهيندو آهي ۽ معصومن جي رت سان هولي کيڏندو آهي، تہ پوءِ قدرت جو انتقام سخت هوندو آهي. اڄ مغرب پنهنجي ئي تعفن ۾ سڙي رهيو آهي، اسان کي گهرجي تہ پنهنجي نسل کي هن ايماني فتني ۽ لبرلزم جي وبا کان بچايون.

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# جديد تهذيب جي علمبردارن جو
## انسانيت جي حوالي سان ڪردار

جديد تهذيب ۽ ان جي علمبردارن کي الله تعاليٰ وڏو موقعو ڏنو آهي تہ هو پنهنجي برتري جي دور جو فائدو وٺي، انسانن جي اڳيان سٺو مثال پيش ڪن، ۽ انهن کي مالي اعتبار سان پنهنجو محتاج بنائڻ ۽ انهن تي پنهنجون پاليسيون مڙهي، سندن وسائل تي قبضو ڄمائڻ جي بجاءِ سيني کي سڪون سان زنده رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جا موقعا ڏين. آزاديءَ کي رڳو پنهنجو حق سمجهي ٻين جي آزادي سلب ڪرڻ ۽ کين ذهني غلام بنائڻ جي ڪوشش نہ ڪن. انساني حقوق جي مسائل کي پنهنجا مسئلا سمجهي سيني جي حقن جو احترام ڪن. پر مغربي تهذيب ۽ ان جي علمبردارن آزادي، حقوق ۽ ترقيءَ کي پنهنجي ميراث سمجهي، ٻين قومن کي پائمال ڪري، پنهنجي برتريءَ کي قائم رکيو ۽ قدرت جي ڏنل هن مهلت جو ڪو فائدو نہ ورتو. پاڪستان ۾ گذريل 78 سالن کان جيڪا راند کيڏي پئي وڃي، جنهن کي آزادي ۽ حقوق جو نالو ڏنو ويو آهي، ڪير نٿو ڄاڻي تہ هن راند جي پويان امريڪا جو هٿ آهي، حالت اها آهي جو باصلاحيت افراد کي اڳيان وڌي ڪم ڪرڻ جا موقعا نٿا ڏنا وڃن، اسلامي تهذيب جي ترقيءَ جا رستا اڳيئي بند ڪيا ويا آهن.

گهٽا نہ تہ . آزاديءَ جا جيڪي حقوق مغربي تهذيب جي علمبردارن پنهنجن قومن جي لاءِ روا رکيا آهن، جيڪڏهن ٻين قومن کي بہ هنن حقوق مان بهره ور ٿيڻ جو موقعو ڏين ها ۽ مغرب ۾ آمريت کي مسلط ڪرڻ جو ڪردار ادا نہ ڪن ها تہ اهو بہ مغربي تهذيب جي علمبردارن جو قومن تي



وڏو احسان هجي ها، پر جذبئہ بالادستي ۽ مفادات جي غلبي جديد تهذيب جي علمبردارن کي ايئن ڪرڻ نہ ڏنو. گذريل ٽي سئو سالن کان دنيا اهو منظر ڏسي رهي آهي تہ نئين تهذيب جي علمبردارن شروع ۾ فوج ڪشي جي ذريعي قومن کي غلام بڻايو. ان کان پوءِ پنهنجي تيار ڪيل ذهني غلامن جي ذريعي قومن کي پنهنجي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙڻ شروع ڪيو. گذريل هڪ سئو سالن کان اهو ڪردار امريڪا ادا ڪري رهيو آهي.

جديد تهذيب جي علمبردارن وٽ انسانيت کي ڏيڻ جي لاءِ پاڪيزه اقدار ۽ اخلاقيات جو پاڪيزه سرمايو موجود ناهي، پر آزادي ۽ انساني حقوق جي حوالي سان تہ انهن وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ سرمايو موجود آهي جنهن سان هنن پنهنجن قومن کي بهره ور ڪيو. جيڪڏهن اهي ئي انساني حقوق هو پنهنجي ذهني غلامن جي ذريعي ٻين قومن ۽ ملڪن کي عطا ڪن ها تہ چئي سگهجي ها تہ نئين تهذيب انسانيت کي ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ڏنو آهي.

مغربي تهذيب جي علمبردارن کي هڪڙي ئي ڳڻتي دامنگير آهي جنهن جي تحت سندن خارجي پاليسيون جوڙيون وڃن ٿيون، اها هي آهي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ مسلمان ملڪ ۾ اسلامي فڪر ۽ اسلامي تهذيب جو غلبو نہ ٿئي، ڇو تہ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ اسلام کي عملا غلبو حاصل ٿي ويو تہ پوءِ دنيا تي مغرب جو غلبو باقي نہ رهندو. افغانستان تي فوجي حملا ڪرڻ وقت امريڪي وزير خارجہ چيو هو تہ افغانستان کان اسان جي تهذيب کي خطرو درپيش آهي، پنهنجي تهذيب کي بچائڻ جي لاءِ فوج ڪشي ناگزير آهي.

افغانستان، جيڪو هر لحاظ کان پسمانده ۽ امريڪا کان گهڻو پري آهي، اتان کان امريڪا جهڙي سپر پاور کي ڪهڙو خطرو ٿي سگهي ٿو. اهو اصل ۾ افغانين جي اسلامي تهذيب سان حميت جي حد تائين وابستگي جو چئلينج هو، جيڪو امريڪا کي درپيش هو.

انسانيت کي امن جي ضرورت آهي، جنگ کان ڇوٽڪارو ۽ ٻن ويلن جي ماني گهرجي، ملڪن ۽ قومن تي بلواسطہ تسلط کان نجات گهرجي، انهن سان پنهنجي قوم جيان معاملو ڪرڻ کپي، وياج ذريعي ملڪن تي جيڪا غلامي مڙهي وئي آهي ان کان ڇوٽڪارو کپي، اهي شيون انسانيت جي لاءِ تمام ضروري آهن. مغرب پنهنجي عالمگير بالادستي جي دور ۾ جيڪڏهن انسانيت کي اهي سهولتون ڏيئي سگهي ٿو تہ انسانيت تي اهو سندس وڏو احسان ٿيندو، پر مغرب قومن ۽ ملڪن تي پنهنجي همہ جهتي بالادستي تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ئي ناهي، اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن انسانيت تي مڙهيل ظلم ۽ زيادتي مغرب کي بہ زوال سان منهن مقابل ڪندي، جيئن ٻيون بالادست قومون زوال پذير ٿيون.

## اهل مغرب جي پنهنجي قومي اخلاق سان بهره وري ۽ اسان جي اسلامي اخلاق کان بي بهري

مغرب قومي ۽ ڪاروباري اخلاق سان بهره ور آهي، جنهن جي ڪري ٻين معاملن ۾ زوال جي باوجود هو باقي آهي ۽ دنيا تي سندس بالادستي قائم آهي، اخلاق قومي هجي يا ڪاروباري، يا وري ديني نوعيت جو هجي يا معاشرتي اخلاق، اخلاق اخلاق ئي هوندو آهي، قومي زندگيءَ تي ان جا گهرا اثرات مرتب ٿيندا آهن، پر ديني اخلاق جي خاصيت اها هوندي آهي جو اهو الله جي لاءِ هوندو آهي، ان ۾ ٻي ڪا بہ غرض شامل ناهي هوندي، ان ڪري ديني اخلاق سان گڏ الله جي برڪت جو نظام شامل ٿي ويندو آهي.

ڏک جي ڳالهہ تہ اها آهي جو اسان نہ قومي ۽ ڪاروباري اخلاق سان سينگاريل آهيون ۽ نہ ئي ديني اخلاق سان، انهي جو ئي نتيجو آهي جو اسان هر قسم جي بحران سان منهن مقابل آهيون، اسان جا لکين ذهين ۽



باصلاحيت افراد اخلاقي بحران جي ڪري پنهنجي ملڪ کان بيزار ٿي مغرب ڏانهن منتقل ٿي رهيا آهن.

مغرب جو قومي ۽ ڪاروباري اخلاق، سموري دنيا جي ماڻهن لاءِ پرڪشش آهي، ائين مختلف ملڪن جا افراد مغرب جي اوٽاين کي نظر انداز ڪري اتي منتقل ٿيڻ لاءِ سرگردان آهن. قومي ۽ ڪاروباري اخلاق ملڪ سان وفاداريءَ جي جذبي کي جنم ڏئي ٿو، ان سان پاڻ ۾ شڪايتون پيدا نٿيون ٿين، قومي وحدت جي فضا پيدا ٿئي ٿي.

مغرب وارن دين ۽ مذهب کان دوريءَ جي باوجود ڪجهہ اهم معاملن ۾ پنهنجي عوام ۾ قومي اخلاق ڪيئن پيدا ڪيو، ڇاڪاڻ تہ اسان جو موقف اهو رهيو آهي تہ اخلاق عبادت، ذڪر وفڪر، الله جي محبت ۽ تزڪئي جي ڪوشش سان پيدا ٿئي ٿو. مغرب وارن جو قومي اخلاق اصل ۾ انهن جي تعليم وتربيت جي نظام جو حصو آهي، ٻار کي اسڪول ۾ داخل ٿيندي ئي نہ رڳو قومي اخلاق سان آشنا ڪيو ٿو وڃي، بلڪ انهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهاري ٿي وڃي تہ ڪوڙ، رشوت، خيانت، وعده خلافي، ٻين جي دولت هضم ڪرڻ ، قومي ذميدارين کان غفلت جو مظاهرو ڪرڻ، ٻين کي نقصان ڏيئي پاڻ کي فائدو پهچائڻ وغيره. اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي ڪنهن بہ قوم جي لاءِ موت جي حيثيت رکن ٿيون، اهڙيون قومون زوال جو شڪار ٿين ٿيون، تنهن ڪري زوال کان بچڻ لاءِ قومي اخلاق کي قائم رکڻو آهي. اخلاق جي اها تعليم وتربيت سندن بنيادي سکيا آهي.

مغرب وارن قومن جي عروج وزوال جي مطالعي مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ قومي اخلاق کانسواءِ بقاء ۽ سلامتي جو حصول ناممڪن آهي.هن قومي اخلاق جي بدولت خانداني نظام جي تباهي، شراب جي بڪثرت استعمال ۽ ڊپريشن جي وڌندڙ بيماريءَ جي باوجود انهن جي بالادستي ۽ قومي وحدت جو نظام اجا تائين قائم آهي ۽ سموري دنيا مان ذهين ۽

باصلاحيت ماڻهو هنن جي ملڪ ۾ وڃي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ ايئن هنن جي نظام جي لاءِ تقويت جو باعث بڻجي رهيا آهن.

هن اعتبار سان اسان ڪهڙي مقام تي بيٺا آهيون، اهو ڏسي پنهنجي حالت زار تي نهايت افسوس ٿو ٿئي. اها حالت انتهائي دکدائڪ آهي. جيڪي طبقا اقتدار ۾ آهن، جڏهن انهن ۾ اخلاقي پستيءَ جو احساس باقي نه رهي ته پوءِ ايئن ئي ٿيندو آهي. اخلاق جي پاڪيزه تعليمات جي باوجود اسان جي اها حالت قابل رحم آهي .

## ”تهذيب جديد“ ڇا آهي

جديد تهذيب چوي ٿي ته جيڪو ڪجهه آهي مادي زندگي آهي هن دنياوي زندگيءَ کان پوءِ ڪابه ٻي زندگي ڪانهي، تنهن ڪري ان جي لاءِ ڳڻتي ۽ فڪر ڪرڻ فضول آهي، مادي زندگيءَ تي فدا ٿيڻ ۽ ان ۾ ئي پنهنجون سڀ صلاحيتون صرف ڪرڻ، اهو تهذيب جديد جو خاصو آهي.

هن وقت جديد تهذيب سڄي دنيا تي ڇانيل آهي، ڇاڪاڻ ته انسان جي ذهن سازيءَ جا سمورا جديد ذريعا نئين تهذيب جي علمبردارن وٽ آهن.

خالص مادي زندگي افراد جي دل ۾ جيڪا هلچل پيدا ڪري ٿي، افراد کي جيئن نفسياتي مريض بڻائي ٿي، جو هو ڪنهن ڪم جي قابل نٿا رهن، نئين تهذيب وٽ ان جو علاج ڪونهي، سواءِ سهڻن جملن جي تڪرار ۽ نشي وارين دوائن جي.

جديد تهذيب جي علمبردارن يقينا مادي طور تي گهڻي ترقي ڪئي آهي، ايتري ترقي جو انساني تاريخ ۾ ايتري مادي ترقي ڪڏهن ڪانهي ٿي، پر هن مادي ترقي فڪري انتشار ۾ جيڪو اضافو ڪيو آهي، اهو به ڪڏهن ناهي ٿيو .



جديد تهذيب نه رڳو اهل مغرب کي، بلڪ سموري انسانيت کي متاثر ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته نئين ٽيڪنالوجي ۽ سفر جي سهولتن دنيا کي سهيڙي هڪڙي شهر جي صورت ڏني آهي.

سموري انسانيت کي متاثر ڪرڻ واري تهذيب جي علمبردارن تي انسانيت جي حوالي سان اها ذميداري پڻ عائد ٿئي ٿي ته ،”روح“ جيڪا اڻ ٽر حقيقت آهي، جنهنجو انڪار ممڪن ناهي، ڇو ته ”موت“ جسم مان روح جي نڪري وڃڻ جو نالو آهي، ان ”روح“ جي نوعيت ان جي تقاضن ۽ ضرورتن تي به تحقيق ڪري وٺن ها ته جيئن روح جي بيماريءَ جي سبب پيدا ٿيڻ واري ذهني، باطني ۽ اخلاقي بيمارين جو ڪجهه نه ڪجهه ادراڪ ٿئي ها ۽ هنن بيمارين کان بچاءَ جي ڪنهن حد تائين صورت پيدا ٿئي ها.

نئين تهذيب جا علمبردار دنياوي معاملات جي تحقيق جي باري ۾ ته سنجيده آهن، پر روح ۽ وحي جي نوعيت جي باري ۾ سنجيده ناهن.

سڀني مذهن جي بنياد وحي تي رهي آهي، جيتوڻيڪ هاڻي اسلام ڪانسواءِ ٻين مذهبن ۾ وحي جي اصل نوعيت باقي ناهي رهي، جديد تهذيب جي علمبردارن کي وحي جي هن مسلمه حيثيت جي وجه سان ان جي باري ۾ غور وفڪر کان ڪم وٺڻ کپندو هو پر بدقسمتي سان نئين تهذيب ان کان بي نياز آهي.

جديد تهذيب جو مقصود صرف آزادانه زندگي آهي، جنهن ۾ نفساني خواهشن جي حڪمراني هجي، ان کان سواءِ نئين تهذيب کي انسان جي ٻين بنيادي حقيقتن سان ڪو واسطو ناهي، اهو انساني الميو آهي جو ان کي اهڙي تهذيب سان وابستگي آهي جيڪا انساني شخصيت جي تمام وڏي حصي ۾ ان جي گهڻين بنيادي ۽ حقيقي ضرورتن کان ناواقف آهي.

آمنه حامد زبيدي

محمد موسيٰ ڀٽو

# مغربي تهذيب کي مادي تهذيب

## بڻائڻ ۾ فلاسافرن جو ڪردار

مغرب مادي تهذيب جي غلبي کان پهرين عيسائي مذهب جي تابع هو ۽ عيسائيت ئي اهل مغرب جو مذهب هو. عيسائي مذهب مان خالص مادي تهذيب جي صورت اختيار ڪرڻ، اهو اهل مغرب جو وڏو الميو آهي، هن مضمون ۾ مختصرا ان جو ذڪر ڪجي ٿو. اسان وٽ به دين ۽ مذهب کان دوري ۽ مادي تهذيب سان ويجهڙائپ ايڏو تيزيءَ سان وڌندي پئي وڃي، جو خدشو آهي ته نئين نسل جي آباديءَ جو وڏو حصو ڪٿي مادي تهذيب جي ور نه چڙهي وڃي. (مرتب)

مغربي تهذيب کي ماده پرست تهذيب بڻائڻ ۾ انهن افڪار ۽ نظريات وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪي مغربي فلاسافرن ۽ ماهرين جي طرفان پيش ڪيا ويا آهن، هنن جي نظريات کي عوام ۾ غيرمعمولي پذيرائي ملي.

اهي افڪار ۽ نظريا اصل ۾ عيسائي قيادت جي انهن ظلمن جو ردعمل هئا، جيڪي هنن پنهنجي حڪومت جي دور ۾ سائنسي تحقيق کي ڪفر قرار ڏيئي سائنسدانن کي موت جون سزائون ڏنيون. هڪ ٻه نه بلڪ سوين سائنسدانن کي موت جي سزا ڏني وئي، ان جي ردعمل ۾ اهل دانش ۽ فلاسفرن جي طرفان مذهب کي مڪمل طور تي مسترد ڪري ماده پرستي تي مشتمل نظريا پيش ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ مغربي تهذيب بي خدا ۽ نفس پرست تهذيب جي حيثيت سان نروار ٿي.

عيسائين جي قيادت جو اهو انتهائي گدلو ڪردار هو، جو سائنسي تحقيق جيڪا اشياءِ ڪائنات ۾ موجود حقيقت تي ٻڌل هئي، ان کي



عيسائي مذهب جي تعليمات جي خلاف بغاوت قرار ڏيئي سائنسدانن کي سخت سزائون ڏنيون.

جيئن ته مغرب ۾ صنعت ڪاري جو عمل شروع ٿي چڪو هو، جنهن سان صنعتڪار ۽ متوسط طبقا طاقتور حيثيت سان سامهون آيا هئا، تنهنڪري صنعتڪارن ۽ متوسط طبقي اهل سائنس جي سرپرستي ڪئي ۽ عيسائي قيادت کي ختم ڪري ڇڏيو، ايئن رياست جي جوڙجڪ بي خدا تهذيب جي پيڙهه تي ٿيڻ لڳي.

جن فلاسفرن مذهب کي رد ڪري ماده پرستيءَ جي بنياد تي نظريا پيش ڪيا انهن جو تعداد هزارن کان وڌيڪ آهي، هنن ماهرين نمائندن ۾ فرائيڊ، ميڪڊوگل ۽ ايڊلر شامل آهن، هنن ٽنهي فلاسفرن جي افڪار ۾ سڀني ماهرين جي افڪار جو نچوڙ شامل آهي.

فرائيڊ جو چوڻ آهي ته مون انساني نفسيات جو وسيع مطالعو ڪيو آهي، هن وسيع مطالعي سان مون تي اها ڳالهه واضح ٿي آهي ته انسان سراپا جنسيت سان عبارت آهي، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور داعيو (تقاضا) جنسي جذبن جي تڪميل آهي، ان جي سرگرمين جو سڄو محور اهو ئي آهي، اهو داعيو اهڙو آهي جو انسان جو پيدائشي طور تي نصب العيني تقاضا آهي، تنهن ڪري جنسي خواهش جي راه ۾ ڪا رڪاوٽ نه وجهڻ گهرجي، جيڪي مرد ۽ عورت جنهن سان به پنهنجي جنسي خواهش پوري ڪرڻ چاهين ته انهن کي ڪرڻ ڏجي، نه ته ذهني بيمارين جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيندو.

مغربي تهذيب ۾ جنسي هيجان خيزي جو جيڪو طاقتور رجحان فروغ پذير ٿيو آهي، اهو سگمڊ فرائيڊ جي هن تحقيق جو ئي نتيجو آهي، اڄ فرائيڊ جي محبت هر مغربي فرد جي دل ۾ سمايل آهي، اهو جيڪڏهن فرائيڊ کي نالي سان نه به سڃاڻندو هجي، پر ان جو جنسي اشتعال وارو نظريو ان جي دل ۽ دماغ ۾ سمايل آهي.

انسان کي سراپا جنس زنده قرار ڏيڻ، اهو انسان جهڙي اشرف المخلوقات هستيءَ جي تحقير ڪرڻ ۽ ان کي پستيءَ ۾ ڪيرائڻ مثل آهي. هن حقيقت کان ته ڪنهن کي به انڪار ڪونهي ته انسان ۾ جنسي جذبو طاقتور صورت ۾ موجود آهي، پر اهو داعيو (تقاضا) نصب العيني حيثيت رکي ٿو يعني، هن ڳالهه ۾ ڪا حقيقت ناهي ته جنسي جذبو انسان جي ٻين سمورن جذبن ۽ تقاضن تي حاوي آهي. "انسان" ۾ پيدائشي طور تي جيڪو طاقتور ترين جذبو موجود آهي، اهو الله تعاليٰ سان والهانه محبت جو جذبو آهي، هن جذبي جي تسڪين سان ٻين سمورن جذبن ۾ ٺهراءُ اچڻ لڳي ٿو يقينا جنسي جذبي کي اهميت حاصل آهي، ڇو ته اهو انساني فطرت ۾ شامل آهي، پر ڪو به مذهب آزادانه جنسي جذبي جي اظهار جي اجازت نٿو ڏئي ڇو ته ان سان خانداني نظام تباه ٿو ٿئي.

ٻيو مغربي فلاسفر ميڪڊوگل آهي، جنهن چيو ته، منهنجي سڄي حياتيءَ جي ڳولها ۽ جستجو جو حاصل اهو آهي ته "انسان بنيادي طور تي حيوان جي ترقي يافته صورت آهي. ان کانسواءِ ڪجهه به ناهي، حيوان جون جيڪي ضرورتون هونديون آهن. انسان جون اهي ضرورتون زياده ترقي يافته صورت ۾ هونديون آهن". ميڪڊوگل جي هن نظريي سان انسان جي حيواني صورت کي تقويت ملي ۽ اهل مغرب حيواني جذبن جي تڪميل کي ئي انساني زندگيءَ جو مقصود سمجهڻ لڳا آهن.

ايڊلر جو چوڻ آهي ته منهنجي سڄي زندگيءَ جي تحقيق جو حاصل اهو آهي ته انسان ۾ جيڪو سڀ کان طاقتور نصب العيني جذبو موجود آهي، اهو هڪٻئي مٿان بالادستي حاصل ڪرڻ جو جذبو آهي، هر انسان هن جذبي کان مغلوب آهي، چاڪاڻ ته اهو پيدائشي طور تي طاقتور جذبو آهي.



حقيقت اها آهي ته وحي ۽ روح جي انڪار کان پوءِ هن قسم جا غيرفطري ۽ حقيقت کان پري حيواني نوعيت جا نظريا ئي سامهون اچي ٿا سگهن ۽ اهي مقبول ۽ مشهور ٿي عملي صورت اختيار ڪري ٿا وٺن.

## مغربي تهذيب سان وابسته ماڻهن ۾ دعوتي ڪم جي ضرورت

مغربي تهذيب سان لاڳاپيل ماڻهو هن اعتبار سان قابل رحم آهن، جو نه هنن جي گهريلو ۽ خانداني زندگي بهتر آهي ۽ نه ئي هو ذهني ۽ نفساتي لحاظ سان مستحڪم آهن ان جو سبب وحي جي تعليمات ۽ دل و روح جي تقاضن کان ناواقفيت آهي وحي اها مضبوط بنياد آهي جنهن سان انساني شخصيت جي انفرادي ۽ اجتماعي ضرورتن کي پورو ڪيو ويو آهي. "دل ۽ روح" اهي قوتون آهن، جيڪي الله جي انوار کي جذب ڪرڻ جو ذريعو به آهن، ته گڏوگڏ نفساني قوتن کي فنا ڪرڻ جو موجب به، جيڪي قومون وحي، دل ۽ روح جي تقاضن کان پري ۽ اڻ ڄاڻ آهن، سندن زندگيءَ جو ڪو به رخ ۽ ڪو به پهلو صحيح ٿي سگهي، مشڪل ئي نه، پر ناممڪن آهي.

مغربي قومن جي معاشي خوشحالي ايئن آهي، جيئن جسم جي ظاهر کي سهڻي لباس سان ملبوس ڪجي، جڏهن ته باطن سڄو سارو ناپاڪ ۽ پليت هجي.

مغربي قومن ۾ گهڻا ماڻهو پريشان ۽ مضطرب آهن، اهي حقيقت جي ڳولها ۾ آهن، جيتوڻيڪ نشي جي بڪثرت استعمال سان گهڻا ماڻهو هن سلسلي ۾ بي حسي جي حالت ۾ مبتلا آهن، تاهم حقيقت جي ڳولها ۾ سرگردان افراد به موجود آهن، جيڪي لڳاتار پنهنجي ذاتي ڪوشش سان اسلام قبول ڪري رهيا آهن، پر هن ڳالهه جي شديد ضرورت آهي ته مغرب ۾ دعوتي ڪم جي لاءِ مسلمان حڪومتون ۽ مسلمانن جا ذهين طبقا پنهنجو

ڪردار ادا ڪن. جيڪو مسلمان هجڻ جي حيثيت سان سندن ذميداري به آهي ۽ آخرت ۾ ان سلسلي ۾ انهن کان پڇاڻو ٿيندو ته توحيد، رسالت ۽ آخرت جو عقيدو توهان وٽ هو، توهان هنن عقيدن کان محروم قومن تائين دين جي صحيح دعوت ڇو نه پهچائي؟

مغرب ۾ دعوتي ڪم ڪرڻ لاءِ علمي ادارن کي مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيئن ته مغرب ۾ اڄا تائين ڪتابن کي پڙهڻ جي روايت پوري طرح موجود آهي، تنهن ڪري انهن جي ذهني سطح جي مطابق لٽريچر تيار ڪري هر فرد تائين پهچائڻ گهرجي. مسلمان حڪومتن ۽ مسلمان مالدارن وٽ وسائل جي کوٽ ناهي، اهي هن سلسلي ۾ باصلاحيت ۽ دردمند افراد کي پيٽ ڪمن کان فارغ ڪري هن ڪم تي لڳائي سگهن ٿا ۽ کين ايئن ضرور ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ مسلمانن کي ان جي هڪ ته اها سزا ملندي، جو مغربي قومون انهن کي غلام بڻائينديون رهنديون، انهن کان آزاديءَ جي حقيقي نعمت کسي، مٿن پنهنجون پاليسيون مسلط ڪنديون رهنديون.

مغربي قومن جي طرفان اها سزا هن ڪري به ملي رهي آهي، جو مسلمانن وٽ الله جو جيڪو حقيقي پيغام آهي ۽ ابدي زندگي ۾ عذاب کان بچائڻ جو جيڪو پيغام موجود آهي، مسلمان ان کي لڪائي رهيا آهن، ۽ هنن تائين پهچائڻ جو ذميداريون پوريون نٿا ڪن.

جيتوڻيڪ مختلف افراد جي پاران انفرادي طور تي مغرب۾ علمي ۽ دعوتي ڪم ٿي رهيو آهي، پر اهو تمام ناڪافي آهي، ان مقصد جي لاءِ ملت جا وسائل استعمال ڪيا وڃن ته ان جا حيرت انگيز نتيجا ظاهر ٿيندا، ايئن مسلمانن کي پنهنجو دشمن سمجهڻ جي بجاءِ پنهنجو سڀ کان وڏو محسن سمجهيو ويندو . اهو دعوتي ڪم سڄي دنيا ۾ ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته دنيا ڪفر جي حالت ۾ موت سان منهن مقابل اهي، پر مغرب ۾ خصوصي اهميت سان دعوتي ڪم جي اشد ضرورت آهي.



ڊاڪٽر مبشر حسين رحماني
آمنه حامد زبيدي

## سمارٽ فون ۽ سوشل ميڊيا جا نقصانات

يونيورسٽي آف ٽورنٽو، ڪينيڊا جي اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جي پروفيسر جارج سينڪليئر پنهنجي 1980 جي مقالي ۾ لکن ٿا ته شايد ٽيڪنالوجي جون ايتريون تعريفون هجن جيترا هن جا استعمال ڪرڻ وارا آهن، يعني ٽيڪنالوجي جي تعريف جو انحصار ان جي استعمال ڪرڻ واري تي آهي.

هو وڌيڪ لکن ٿا ته ”ٽيڪنالوجي“ جي تعريف ڪرڻ جي لاءِ پروفيسر ”ڪارل مچم“کي 65 صفحا لکڻ جي ضرورت پئي، اها هڪڙي حقيقت آهي ته مورخ ۽ فلسفي جنهن طريقي سان ٽيڪنالوجي جي تعريف پيش ڪن ٿا، اها هن ٽيڪنالوجي کي ايجاد ڪرڻ واري انجنيئر، سائنسدان ۽ محقق کان ڪجهه مختلف هوندي آهي، ٽيڪنالوجي جي فلسفيانه ، تاريخي ۽ عملي تعريف جي بحث ۾ پوڻ ڪانسواءِ اسان پنهنجي قارئين جي لاءِ ٽيڪنالوجي جي آسان تعريف پيش ٿا ڪريون برٽانيڪا انسائيڪلوپيڊيا جي مطابق ”سائنسي علم کي انساني زندگي جي مقاصد جي لاءِ استعمال کي ٽيڪنالوجي چئجي ٿو“ ڪيمبرج ڊڪشنري جي مطابق ”سائنسي علم جي ڪاروبار ، صنعت يا مينوفيڪچرنگ ۾ استعمال کي ٽيڪنالوجي سان تعبير ڪيو ٿو وڃي“. يا وڌيڪ آسان لفظن ۾ ”سائنسي دريافتن جي عملي، خاص طور تي صنعتي استعمال کي ٽيڪنالوجي چيو ٿو وڃي.“

ٽيڪنالوجي جي استعمال سان جتي انسانيت اڻ ڳڻت فائدا حاصل ڪيا آهن، مثلا آمد رفت ۾ آسانيءَ کان وٺي علاج معالجي جي سهولت جو

حصول وغيره . اتي ٽيڪنالوجي جي استعمال ۾ جڏهن افراط ۽ تفريط جو روبو رکيو ويو تہ انهي ٽيڪنالوجي نسلن جون نسلون تباه ڪري ڇڏيون. هڪ اهم ڳالهہ تہ عمومي طور تي سائنسدان ۽ محققين پنهنجي سائنسي تحقيقات, ايجادات ۽ ٽيڪنالوجيز کي انسانيت جي فائدي جي لاءِ پيش ڪري رهيا آهن, پر انهن جي ايجادات ۽ سائنسي تحقيقات ۽ ٽيڪنالوجي کي وڏا وڏا سرمائيندار ڪٽي ٿا وٺن ۽ هن ٽيڪنالوجيءَ مان پئسا ڪمائڻ ٿا لڳن. اسان کي اهو چوندي هيڪ محسوس نٿي ٿئي تہ هن وقت عالمي سطح تي ڪهڙي قسم جي سائنسي تحقيقات ٿيڻ کپي, يا ڪهڙي ٽيڪنالوجي جي متعلق قوانين ناهڻ گهرجن ۽ ان کي فروغ ڏيڻ کپي, يا حڪومتن ۽ فنڊنگ انجينيئرز کي ڪهڙي سائنسي شعبي ۾ سرمايو لڳائڻ گهرجي؟

هن ۾ بہ اصل ۾ عالمي معاشي سرمائي دارانہ نظام کي هلائڻ وارن جو گهڻو ڪردار هوندو آهي. جيئن تہ سائنسدانن ۽ محقيقن جي هڪ وڏي تعداد پنهنجي تحقيقات ۾ اخلاص سان مصروف ٿي رهي, پر انهي تحقيقات کي اڪثر ڪري فروغ ٿو ملي جيڪي عالمي سرمائيدارانہ نظام کي تقويت ڏين ٿيون جن سان عالمي سرمائيدارانہ نظام کي هلائڻ وارن جا مفاد وابستہ هوندا آهن ۽ جيڪي انهن جي نظرين جي تائيد ۾ هونديون آهن ۽ انهن جي ايجنڊا کي فروغ ڏين ٿيون.

سرمائيدارانہ نظام کي هلائڻ وارا ئي دراصل سڄي دنيا جي ٽيڪنالوجي کي ترقي وناڻ ۾ رڌل رهن ٿا, ۽ سموري عالمي معاشي نظام کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي "قدر" ۽ "اقدار" جي نئين تعريف بہ پاڻ ئي ڪن ٿا, يعني هي جڏهن چاهين فرضي ۽ تخيلاتي شين کي قابل قدر ڄاڻائي خريد و فروخت شروع ڪرائين ٿا, ۽ هي جڏهن گهُرن "اقدار" جي تعريف بہ متعين ٿاڪن, ايئن معاشري ۾ موجود سڀ کان فضول شئي بہ ماڻهن کي معزز لڳڻ شروع ٿي وڃي ٿي, جيئن تہ سرمائيدارانہ نظام ۾ سرڪاري قانون, اخلاقيات ۽ مذهبي پابندين کي نظر ۾ نٿو رکيو وڃي ۽ اصل مقصد



پئسو ڪمائڻ ئي هوندو آهي, تنهن ڪري ان جو عملي نتيجو جيڪو سامهون ٿو اچي, ان سان معاشري ۾ صرف معاشي تباهي ۽ اخلاقي پستيءَ کي فروغ ٿو ملي.

قارئين! هاڻي اسان هنن ٽيڪنالوجيز منجهان"ڊيجيٽل ٽيڪنالوجي" جو ذڪر ٿا ڪريون, ڊيجيٽل ٽيڪنالوجي ۾ سوشل ميڊيا, ڪمپيوٽر, سمارٽ فون, سمارٽ ٽي وي ۽ آن لائين گيمز وغيره جا نالا اچن ٿا, آن لائين انگ اکر گڏ ڪرڻ واري ويب سائيٽ (اسٽيٽسٽ ڊاٽ ڪام) جي مطابق سڄي دنيا ۾ صرف سوشل ميڊيا کي استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد ساڍا پنج ارب کان تجاوز ڪري چڪو آهي. ان ۾ فيس بوڪ (ميٽا) يوٽيوب, انسٽاگرام, واٽس ايپ, ٽڪ ٽاڪ, وي چيٽ ٽيلي گرام, سنيپ چيٽ ۽ ٽوئٽر (ايڪس) وغيره سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ پليٽ فارمز ۽ ايپلي ڪيشنز آهن, سوشل ميڊيا تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عام طور تي ڪمپيوٽر يا موبائل فون کي استعمال ڪيو ٿو وڃي .

جيستائين موبائل جو تعلق آهي تہ موبائل فون جي ايجاد جتي هڪٻئي سان رابطي ۾ سهولت پيدا ڪئي آهي, اتي ايمرجنسي جي صورت ۾ فوري رابطو ڪرڻ جا ذريعا پڻ عوام کي ميسر ٿيا آهن, پر جيئن جيئن ڪمپيوٽر سائنس ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن انجينيئرنگ ۾ ترقي ٿي آهي, هن موبائل فون ترقيءَ جا مرحلا طئي ڪيا آهن ۽ هاڻي اسان جي سامهون موبائل جي جديد صورت سمارٽ فون جي شڪل ۾ موجود آهي, عام طور تي جڏهن اسان موبائل چئون ٿا تہ ان جو مطلب اهو ئي سمارٽ موبائل فون هوندو آهي, تہ اسان پنهنجي هن مضمون ۾ موبائل فون ۽ سمارٽ فون کي مترادف الفاظ جي طور تي استعمال ڪنداسين, هن سمارٽ فون کي هاڻي بلا مبالغہ سوين قسم جي ڪمن ۾ استعمال ڪيو ٿو وڃي, جن ۾ اي ميل, فيڪس اسڪيننگ کان وٺي گيمنگ, ٽريڊنگ, ڪيمره , ڪيلڪيوليٽر ۽ واچ ڪلاڪ جي جاءِ بہ والاري ورتي آهي, اج

کان پنجويھ سال اڳ گهرن ۾ جيڪي ٽي وي سيٽ هوندا هئا انهن ۾ اهي ٽي وي چينلز ۽ پروگرام ڏسي سگهبا هئا جيڪي حڪومتي اجازت سان ٽي وي چينلز نشر ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي پسند جي فلم يا ڪو ٻيو پروگرام ڏسڻو هوندو هو ته ان جي لاءِ هو الڳ سان ”وي سي آر“ وٺي ايندو هو ۽ ان تي هو پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسندو هو. هاڻي تصويرون محفوظ ڪرڻ لاءِ به موبائل استعمال ٿئي ٿو. ريڊيو جا پروگرام ٻڌي سگهجن ٿا, ڪئلينڊر ۽ مئپ به هن ۾ موجود آهي, ٽيپ رڪارڊ جي به ضرورت ناهي رهي ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت هن ۾ ڪري سگهجي ٿي, دنيا جي هر قاري حضرات جي آواز ۾ قرائت ٻڌي سگهجي ٿي, قرآن پاڪ جو ترجمو. تفسير عظيم علماءِ ڪرام جو لکيل نيٽ تي موجود آهي, جن مان استفادو ڪري سگهجي ٿو. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جون ويڊيوز ڏسي سگهجن ٿيون, تاريخي مقامات جو سير ڪري ٿو سگهجي, ڊڪشنري, ڊائريڪٽري غرض دنيا جي هر ڪتاب جو مطالعو گهر ويٺي ڪري ٿو سگهجي, آن لائين بئنڪ جا ڪم ڪري ٿا سگهجن. اونده ۾ ٽارچ مدد ٿي ڏئي, غرض سمارٽ فون انسانن کي هنن مختلف اليڪٽرانڪ آلات جي قيد کان ڇوٽڪارو ڏنو آهي, ۽ هاڻي انهي سمارٽ فون تي هو جڏهن چاهي,جتي چاهي ۽ جنهن قسم جا پروگرام چاهي ڏسي سگهي ٿو.

ٽيڪنالوجي ڪمپنين جهڙي طرح سوشل ميڊيا پليٽ فارمز کي فروغ ڏنو آهي, ان جي نتيجي ۾ ٻار, نوجوان بلڪ هر عمر جا افراد بي حيائي, عرياني, فحاشي, گيمنگ, چيٽنگ, جوا ۽ وياج جهڙين اخلاق بگاڙڻ وارين اسڪيمن جا عادي ٿي چڪا آهن ۽ کين اخلاقي طور پستيءَ ۾ ڪيرائڻ ۾ سوشل ميڊيا جو وڏو هٿ آهي. اها ڳالهه ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي ته موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جي استعمال سان دماغي صحت تي تمام خراب اثر ٿو پوي ۽ سائنسدانن جي کوجنا جي مطابق خصوصا ٻارن ۽ نوجوانن جي لاءِ ته سمارٽ فون ۽ سوشل ميڊيا جا تباه ڪندڙ اثرات هاڻي



کنهن کان لڪل ناهن رهيا, انهن تباه ڪن اثرات جي ترقي يافته ملڪن اهڙن قوانين جي جوڙجڪ شروع ڪئي آهي, جن ۾ واضح طور تي موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جي استعمال تي پابندي عائد ڪئي وئي آهي, هتي هڪ ننڍڙي يورپي ملڪ آئرلينڊ جو مثال پيش ڪجي ٿو . جتي پرائمري اسڪولن ۾ ٻارن جي موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جي استعمال تي پابندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شاگرد موبائل فون اسڪول کڻي ايندو ته اسڪول ٽيچر هنجو موبائل فون ضبط ڪندا آهن.

آئرلينڊ جي وزير تعليم ”نورما فولي“ سڪنڊري اسڪولن ۾ به موبائل فون آڻڻ تي پابندي لڳائڻ جي منصوبه بندي ڪري رهي آهي, سندس بيان آهي ته: موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جي استعمال سان شاگردن جو ذهن منتشر ٿئي ٿو ۽ هو پنهنجي تعليمي سرگرمين تي ڌيان نٿا ڏيئي سگهن ۽ سائبر هراساني جا شڪار به ٿين ٿا, جڏهن ته زياده تر سيڪنڊري اسڪول موبائل فون تي پابندي هٽڻ ٿا يا شاگردن کي موبائل فون لاڪرز ۾ رکڻ تي مجبور ڪن ٿا, ”نور مافولي“ جو چوڻ آهي موبائل فون تي وسيع ترين پابندي ئي تعليم ۽ تربيت ۾ اڳيان وڌڻ جو بهترين طريقو آهي.

وزير تعليم جي هن بيان ۾ ٻه بنيادي ڪارڻ ذڪر ڪيا ويا آهن, هڪڙو ته شاگردن جو تعليم تان ڌيان هٽي وڃڻ, ۽ ٻيو سائبر هراساني اقوام متحده جي فنڊ براءِ اطفال ”يونيسيف“ جي مطابق سائبربلنگ يعني سائبر هراساني جي تعريف اها آهي ته ڪو شخص ڊيجيٽل ٽيڪنالوجي, مثلا انٽرنيٽ, سوشل ميڊيا يا موبائل فون جو استعمال ڪندي ڪنهن ٻئي کي ڊيڄاري, ڌمڪائي, ان جي باري ۾ ڪوڙ ڳالهائي, گاريون ڏئي يا ڄاڻي ٻجهي تڪليف پهچائي, ڪوڙو اڪائونٽ ناهي غيرمناسب ميسيجز ڪنهن ٻئي کي موڪلي ۽ ٻئي شخص جي ڪردار کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري (هراسان ڪري) اهي ٻئي ڪارڻ اهڙا آهن جن سان نئين نسل جي مستقبل جو تعلق آهي. موبائل جي استعمال جا عادي افراد قسم

قسم جي ذهني بيمارين ۽ نفسياتي مونجهارن جا شڪار ٿيڻ ٿي رهيا آهن.هڪڙي بي تحقيقي رپورٽ اهو بيان ٿي ڪري ته هنن ڊيجيٽل ٽيڪنالوجي، سوشل ميڊيا ۽ سمارٽ فون جي گهڻي استعمال سان ”ڊي هيومنائيزيشن“ يعني انسانن منجهان انساني صفتن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

(مغربي ترقي يافته ملڪن ۾ ڊيجيٽل ٽيڪنالوجيز تي عائد پابنديون) ”آئرلينڊ“ ته هڪ ننڍو يورپي ملڪ آهي، توهان اقوام متحده جي تعليمي، علمي ۽ ثقافتي تنظيم يونيسڪو جي گلوبل ايجوڪيشن مانيٽرنگ رپورٽ 2023ع کي ئي کڻي ڏسي وٺو، جيڪا واضح طور تي چوي ٿي ته ، ”موبائل فون اسڪولن ۾ سکڻ جي عمل ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا“ رپورٽ ۾ لکيل آهي ته بيلجيئم، اسپين ۽ برطانيه ۾ اسڪولن مان سمارٽ فون کي ختم ڪرڻ سان شاگردن جي سکڻ جي عمل ۾ بهتري آئي آهي. اها رپورٽ چار سئو پنجٽيهه صفحن تي ٻڌل آهي ۽ ان کي عالمي ماهرين تعليم مرتب ڪيو آهي. هونئن ته اها رپورٽ سڄي پڙهڻ جي قابل آهي، ڇو ته اها ٽيڪنالوجي جو تعليمي ادارن ۽ تعليم تي ان جي اثر جو ذڪر ڪري ٿي، پر هن رپورٽ جو اٺون باب نهايت اهميت رکي ٿو ، جنهن ۾ ٽيڪنالوجي جي منفي اثرات ۽ عالمي سطح تي ٽيڪنالوجي، موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا تي عالمي پابندي جي قوانين کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

سيپٽمبر 2024ع ۾ برطانوي اخبار ”گارڊين“ ۾ ڇپجندڙ هڪڙي رپورٽ ”اسان گذريل زماني ۾ واپس وڃي رهيا آهيون“ رپورٽ جي مطابق ڪيترائي يورپي ملڪ سمارٽ فون جي اسڪول ۾ آڻڻ تي پابندي مڙهي رهيا آهن، جن ۾ سرفهرست نيدرلينڊ، فرانس، هنگري، اٽلي ۽ يونان جهڙا ملڪ شامل آهن، هنن ملڪن ۾ اسڪولن سان لاڳاپيل تعليم جي ماهرن اهو تسليم ڪيو آهي ته جڏهن اسان اسڪولن ۾ سمورن ٻارن کي ڏسون ٿا



ته هو ورانڊي ۾ واڪ ڪندي سمارٽ فون ۾ مشغول نظر ٿا اچن، انهن جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه تقريبا ختم ٿي چڪي آهي، ۽ راندڪيڏڻ واريون ٽينس جون ٽيبلون ويران پيون هونديون آهن ۽ نئين نسل بنيادي طور تي سماجي ثقافت کي وڃائي ويٺي آهي.

اهڙي طريقي سان نيدرلينڊ جي حڪومت موبائل فون، سمارٽ واچز ۽ ٽيبليٽ کڻي اچڻ تي اسڪولن ۾ پابندي عائد ڪئي آهي، هن وقت برطانوي پارليمينٽ ۾ هن موضوع تي قانون سازيءَ تي بحث هلي رهيو آهي ته ڇا اسڪولن تي اهو لازم ڪيو وڃي ته هو مڪمل طور تي موبائل فون فري هجن، آرگنائيزيشن آف اڪنامڪ ڪارپوريشن اينڊ ڊيولپمينٽ (او اي سي ڊي) يعني اقتصادي تعاون ۽ ترقي جي عالمي تنظيم جي رپورٽ جي مطابق حد کان وڌيڪ ڊيجيٽل آلات جي ڪلاس روم ۾ استعمال سان شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي تي منفي اثر پوي ٿو . هڪڙي رپورٽ جي مطابق امريڪا ۾ گهٽ ۾ گهٽ اٺويهه رياستن اهڙا قوانين منظور ڪيا آهن اهڙين پاليسين کي نافذ ڪيو آهي جن سان رياست ۾ شاگردن تي اسڪولن ۾ سمارٽ فون جي استعمال تي پابندي مڙهي آهي.

آسٽريليا جي حڪومت گذريل سال يعني 2024ع ۾ سورنهن سالن جي عمر جي ٻارن کي سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ تي پابندي جو قانون نافذ ڪيو آهي ۽ انهن جي پارليمينٽ دنيا جو سخت ترين قانون منظور ڪيو آهي، آسٽريلين وزير مواصلات ”مچل رولينڊ“ جي مطابق، ٽڪ ٽاڪ ، فيس بڪ ، انسٽاگرام ايڪس ٽيوٽر، سنيپ چيٽ تي ايندڙ سال تائين مڪمل پابندي لاڳو ڪئي ويندي . آسان لفظن ۾ ته سورنهن سالن جي عمر کان پوءِ ئي ڪو فرد سوشل ميڊيا کي استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ اها پابندي رڳو سوشل ميڊيا جي اسڪولن ۾ استعمال تائين محدود ناهي، بلڪ چوويهه ڪلاڪ سورنهن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن تي مڪمل طور سوشل ميڊيا جي استعمال تي پابندي عائد ڪئي وئي آهي.

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ڇو اسان جي حڪومتي عهدي دار، سياستدان ۽ پاليسي ٺاهڻ وارن سان گڏوگڏ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ سان وابستہ ماڻهن کي هنن ترقي يافتہ ملڪن جا قوانين ۽ پاليسيون نظر نٿيون اچن.

## (ڪجهہ گذارشون)

آخر ۾ اسان هن مضمون جي ذريعي ٽيڪنالوجيءَ جي حوالي سان ڪجهہ گذارشون پيش ٿا ڪريون.

اسڪول جي اندر ٻارن جي موبائل فون ۽ ان سان لاڳاپيل ڊيجيٽل ٽيڪنالوجيز جي آڻڻ ۽ استعمال ڪرڻ تي پابندي مڙهي وڃي، اها صرف راقم جي تجويز ناهي، بلڪ اها تجويز اقوام متحده جي تعليمي ۽ علمي ۽ ثقافتي تنظيم ”يونيسڪو“ جي طرفان گلوبل ايجوڪيشن مانيٽرنگ رپورٽ 2023ء ۾ ڏني وئي آهي ۽ هن تي ڪيترن ئي ترقي يافتہ ملڪن عمل بہ ڪيو آهي ۽ هنن ملڪن ۾ ٻارن جي اسڪولن ۾ سمارٽ فون کڻي اچڻ تي پابندي عائد ڪئي آهي.

هنن ملڪن ۾ برطانيہ ، آئرليند، اسپين، بيلجيئم ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ملڪ شامل آهن.

ٻارن ۽ نوجوانن جي سوشل ميڊيا جي استعمال تي مڪمل پابندي هنئي وڃي، ۽ هنن جي لاءِ مناسب قانون سازي ڪئي وڃي. آسٽريليا جو ئي ڪٽي مثال ونو تہ هتي سورنهن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن تي سوشل ميڊيا جي استعمال تي پوري طرح پابندي وڌي وئي آهي.

پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ ٻارن جي ذهني نشونما جي لاءِ انهن کي سوشل ميڊيا کان پري رکيو ٿو وڃي، ان جي لاءِ امريڪا، برطانيہ ۽ فرانس ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ قانون سازي ڪئي وئي آهي، ۽ پاليسيون جوڙيون ويون آهن.



آمنہ حامد زبيدي

## وصيت نامو

ڪجهہ ڏينهن اڳ رات جو ستل هوس، ڏينهن سفر ۾ گذريو هو ، انڪري ننڊ بہ گهري هئي، اوچتو مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجو جسم جڪڙجي ويو آهي، مون هٿ پير هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، مٿو کڻي پاسو اٿلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام رهيس، مون پريشان ٿي گهر وارن کي سڏڻ چاهيو پر نڙيءَ مان آواز ئي نہ نڪتو، بيوسيءَ جي انتها هئي، مون هٿ پير هٽڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي لوڏيو ، پر جسم ڄڻڪ پٿر جو ٻڻجي چڪو هو.

ايتري ۾ اوچتو موبائل جو الارم وڳو تہ منهنجي اک کلي وئي، اهو هڪ خواب هو، آئون پگهر ۾ ٻڏل اٿي ويٺس، وضو ڪيم، رات جي آخري پهر پنهنجي مالڪ ڪريم جل شانه جي اڳيان سربسجود ٿي ويس، ان ٻاجهاري پالڻهار جي سامهون سرنمائي سڪون مليو، انهي دوران هڪڙو خيال دل ۾ گهر ڪري ويو تہ جيڪڏهن ايئن ئي ڪنهن ڏينهن اوچتو ئي مري ويس تہ منهنجي پويان ڇا ٿيندو؟ منهنجي گهر وارن جو ڇا ٿيندو، اهي هي ڏک ڪيئن سهي سگهندا، گهر ۽ ڪم ڪار جون ذميداريون ڪيئن ادا ٿينديون؟

هزارين خيال دل تي تري آيا، مون پريشان ٿيڻ بدران سوچيو تہ ، موت تہ هڪ اڻ ٽر حقيقت آهي، مرڻ کان پهرين ان جي اڳواٽ تياري ڪهڙي ريت ڪرڻ گهرجي، تحقيق سان معلوم ٿيو تہ شريعت مطهره وصيت تيار ڪرڻ جي گنجائش ڏئي ٿي، تہ بس پوءِ مون هڪ وصيت نامو تيار ڪيو ، ان ۾ اهي نڪتا آهن جيڪي هر ڪنهن جي ڪم اچي سگهن ٿا، پيش خدمت آهي.

1. منهنجو ايمان، منهنجو رب ۔

سڀني کي "ڪلمہ طيب" تي قائم رهڻ جي وصيت ٿي ڪجي، پنهنجي الله تي اعتماد ۽ ان جي رحمت جي اميد دل ۾ دائم رکڻي آهي، پنهنجي ڏوهن تي شرمندگي ۽ الله کان معافي جي طلب ۽ تاحيات توبہ جي توفيق لازم آهي.

2. نماز جي پابندي

مون کان پوءِ بہ منهنجي گهر جو نظام نماز جي پاڇي ۾ پروان چڙهي، پاڻ بہ نماز پابنديءَ سان پڙهو ۽ پنهنجي آل اولاد کي بہ ان جي تاڪيد ڪندا رهو ۔ ڇو تہ نماز ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي، نماز کي ڇڏي ڏيڻ منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو ڏک هوندو.

3. قرآن سان تعلق

گهر ۾ روزانو قرآن پاڪ جي تلاوت ٿيڻ گهرجي، چاهي هڪڙو رڪوع ئي ڇو نہ هجي، ان کي سمجهي پڙهو ۔ زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي ايندي ۔

4. سرپرست جو ادب ۽ احترام

گهر ۾ وڏن جو خوب احترام ڪريو ۔ چاهي والدين هجن يا وڏو ڀاءُ ۔ ان جو خيال رکو ۔ ان جي ڳالهہ مڃو ۔ عزت ڪريو ۽ هر ڪم ان جي اجازت ۽ مشوري سان ڪريو ۔

5. پاڻ ۾ محبت ۽ اتفاق

مون کان پوءِ پاڻ ۾ اختلاف نہ ڪجو ۔ ڳالهہ ننڍي هجي يا وڏي گڏجي ويهي هڪٻئي جي صلاح سان فيصلو ڪريو ۔ دل مان ڪينو ۽ ڪدورت ڪڍي ڇڏي ۽ اتفاق سان مطمئن زندگي گذاريو ۔

6. قرض ۽ امانتون

منهنجي ذمي جيڪي قرض، اوڌر ۽ امانتون آهن، اهي ادا ڪيون وڃن، هن ادائيگي کي اولين ترجيح ڏني وڃي.



7. ميراث جي ورهاست

مون وٽ جيڪي بہ شيون آهن، مال ۽ زيور وغيره ، ان کي حقدارن ۾ شرعي نموني ورهايو وڃي، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿئي.

8. ٻارن جي تعليم جو انتظام

منهنجي خواهش آهي تہ منهنجا ٻار ۽ انهن جا اولاد وڌ کان وڌ اعليٰ تعليم حاصل ڪن، ڇو تہ تعليم ئي انسان جو زيور آهي، دنياوي سان گڏ ديني تعليم بہ انتهائي ضروري آهي.

9. حلال رزق جي اهميت

ڪوڙ، دوکي، وياج ۽ حرام کان بچي حلال روزي ڪمائڻ جي ڪوشش هميشه جاري رکڻي آهي، مشڪل ۾ صبر ۽ فراوانيءَ ۾ شڪر، ۽ هر حالت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ تي ڪامل ڀروسو رکڻ لازم آهي.

مٽن مائٽن جو خيال

منهنجي طرفان ڪنهن سان ڪا ناراضگي نہ رکي وڃي، پنهنجي دل کي ڪيني ۽ ڪدورت کان پاڪ ڪري، سڀني کي معاف ڪري ڇڏيو تہ جيئن الله تعاليٰ بہ اسان کي معاف ڪري ۔

صدقئہ جاريہ ۔

منهنجي قبر تي گل وجهڻ کان بهتر آهي تہ ڪنهن غريب کي ڪاڌو ڪارائي ڇڏيو ۔ يا الله توفيق ڏئي تہ مسافرن جي لاءِ پيئڻ جي پاڻيءَ جو انتظام ڪريو يا مسڪينن ۾ ڪپڙا ورهايو ۔

قناعت ۽ خود داري

گهر ۾ ڪفايت ۽ قناعت سان ٿوري ۾ گذارو ڪرڻ جي عادت وجهو ۔ اجايو ڏيکاءُ ۽ نمود ونمائش، فضول رسمن رواجن کان پرهيز ڪريو ۔ عزت هميشه خود داري ۾ آهي، اسراف کان بچو تہ جيئن ٻين جي اڳيان هٿ نہ ٽنگڻو پوي.

ٻارن جو روزگار

ٻارن کي مناسب تعليم ڪانپوءِ جلد کان جلد ڪنهن هنر يا روزگار سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪجي ته جيئن هو خود مختيار ٿين ۽ آسانيءَ سان گذارو ڪري سگهن. تعليم سان گڏ هنرمندي جي حصول جي ڪوشش به ڪرڻ گهرجي.

تجهيز ۽ تڪفين

تجهيز ۽ تڪفين سنت جي مطابق ڪئي وڃي، ٽيجها، چاليها وغيره سڀ اجايون رسمون آهن. اسراف کان پاڻ کي بچايو غير ضروري نمود ۽ نمائش کان پرهيز ڪريو. ڏيکاءُ ڪرڻ سان دنيا وارن ۾ ته واه واه ٿيندي، پر آخرت ۾ ان جو ڪو اجر ڪونهي.

زندگيءَ کي الله جي امانت سمجهي اڳيان وڌندا رهو.

مومن جو هر ڏينهن گذريل ڏينهن کان بهتر هئڻ گهرجي.

الله جي حفاظت ۾ هجو.



تحرير: شاهنواز فاروقي

ترجمو: ضمير حسين لغاري

# ڇا مذهب هڪ نشو آهي؟

هڪ يهودي وڪيل جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڪارل مارڪس کي ڪميونزم ۽ سوشلسٽ فڪر جو باني سمجهيو وڃي ٿو. مارڪس خدا جو منڪر هو. هن مذهب کي عوام جي لاءِ ’آفيم‘ قرار ڏنو هو.

دنيا ۾ جيڪي به ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ پيدا ٿيا، تن اهو خيال عام ڪيو ته عيسائيت، يهوديت، هندوازم يا اسلام، اهي سڀئي هڪ ’نشو‘ آهن. سندن خيال آهي ته مذهب هڪ اهڙو ’نشو‘ آهي، جيڪو انسان کي حقيقي مسئلن کان پري رکي ٿو.

ان نشي جي حالت ۾ انسان پنهنجي خرابيءَ جي اصل ڪارڻ تائين پهچي نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪا به قوم پنهنجي نقصان جا اصل سبب سڃاڻي انهن کي ختم ڪرڻ جا جتن ڪندي ته نيٺ پنهنجا حق غصب ڪندڙ ظالمن جا تختا اونڌا ڪري ڇڏيندي.

اها ڳالهه اڄ پاڪستان ۾ به ڪجهه ڪميونسٽ ورجائي رهيا آهن. اچو ته هن غلط نظريي جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺون.

مذهب (خاص طور اسلام) پنهنجي سموري تاريخ ۾ سڀ کان وڏي انقلابي قوت رهيو آهي. هن هر دور جي باطل ۽ غالب طاقت کي للڪاريو آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ نه ڪا حڪومت هئي، نه ڪا رياست، نه ڪا فوج، ۽ نه ئي ڪا سياسي جماعت، تنهن هوندي به هن وقت جي هڪ سگهاري بادشاهه نمرود جي خدائي ۽ سندس غلبي کي رد ڪري ساڻس مهاڏو اٽڪايو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ سندس ڀاءُ حضرت هارون عليہ السلام وٽ بہ ڪا حڪومت، ڪا رياست، ڪا فوج يا ڪا پارٽي نہ هئي، تنهن هوندي بہ هنن فرعون جي فرعونيت کي چيلينج ڪيو.

جڏهن رسول اڪرم ﷺ نبوت جو اعلان ڪيو تڏهن ڪفر ۽ شرڪ جي علمبردارن وٽ مالي طاقت بہ هئي ۽ عسڪري قوت بہ. رسول اڪرم ﷺ وٽ ڪي بہ مادي وسيلا ۽ حڪومتي اختيار نہ هئا، پوءِ بہ پاڻ سڳورن ڪفر ۽ شرڪ جي قوتن کي للڪاري پنهنجو فرض نڀايو.

اسلام جي بنيادي ڪلمي (لا الہ الا الله) کان وڏيڪ انقلابي ڪلمي جو تصور نٿو ڪري سگهجي آهي. هي ڪلمو 'لا' سان شروع ٿئي ٿو يعني انڪار، ان ڳالہ جو انڪار تہ الله کانسواءِ ڪو معبود ناهي.

هن ڪلمي جي پهرئين حصي ۾ ئي دنيا جي سيني ڪوڙن خدائن جو انڪار موجود آهي، ڀلي اهو ڪوڙو خدا بادشاهہ هجي، رياست هجي، ڪو سردار هجي، ڪو طبقو هجي يا ڪو خاص ٽولو هجي.

هي ڪلمو دولت جي خدائيءَ جو بہ منڪر آهي، تہ طاقت جي خدائيءَ جو بہ منڪر آهي، هي انا جي خدائيءَ کي بہ رد ڪري ٿو، تہ نفس جي خدائيءَ کي بہ رد ڪري ٿو. ڇا دنيا ۾ اهڙي ڪنهن ڪلمي جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو؟

مذهب جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مذهب نہ رومي 'قيصر' جي خدائي کي مڃيو نہ ايراني 'خسرو' جي خدائيءَ آڏو سر جهڪايو نہ هن سوويت يونين جي خدائي تسليم ڪئي، ۽ نہ آمريڪا جي خدائيءَ آڏو سيس نمايو.

هاڻ هڪڙي ڳالہ جو جواب ڏيو! ڇا ايڏا وڏا ڪارناما انسان نشي جي حالت ۾ ڪري ڏئي سگهي ٿو؟

مذهب نشو نہ پر شعور آهي، آفيم نہ پر سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان برتر علم آهي. مذهب انسان کي سمهاري نٿو بلڪ جاڳائي ۽ هوش ۾ آڻي ٿو. مذهب نہ هجي ها تہ انساني تهذيب جو وجود ئي ممڪن نہ هجي ها.



ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ مذهب جي 'عطا' تي غور ڪن ها تہ اهڙي ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ ڪن ها. مذهب جي سڀ کان وڏي عطا هڪ خدا جو تصور آهي. جيڪڏهن مذهب نہ هجي ها تہ انسان ڪڏهن بہ پنهنجي خالق، مالڪ ۽ رازق کي سڃاڻي نہ سگهي ها.

خدا هن ڪائنات جي سڀ کان وڏي حقيقت آهي، تنهن ڪري ڪيس نہ سڃاڻڻ انسان جو سڀ کان وڏو نقصان آهي. علامہ اقبال رحہ ايمان بابت چيو:

ولایت، پادشاہی، علمِ اشیاء کی جہانگیری
یہ سب کیا ہیں، فقط اک نکتۂ ایماں کی تفسیریں

يعني جيڪڏهن خدا انسان کي پنهنجو ولي يا دوست بڻائي ٿو تہ فقط ايمان جي ڪري، جيڪڏهن انسان کي دنيا جي حڪمراني عطا ٿو ڪري تہ بہ ايمان جي صدقي، ۽ جيڪڏهن ڪيس دنيا تي غلبو ماڻيندڙ علم ۽ فن عطا ٿو ڪري تہ بہ ايمان جي بدولت.

ڇا زندگيءَ ۾ انقلاب آڻيندڙ اهڙو ايمان نشو ٿي سگهي ٿو؟

مذهب جي هڪ ٻي وڏي 'عطا' ۽ تحفو قرآن مجيد آهي. قرآن مجيد نہ رڳو هدايت جو ڪتاب پر انقلاب جو ڪتاب بہ آهي. قرآن سڄي انساني تهذيب کي عدل جي ميزان تي آڻي بيهاري ٿو. هي ٻڌائي ٿو تہ زندگيءَ ۾ اهميت طاقت ۽ دولت جي نہ، پر تقوا ۽ علم جي آهي. ڇا ڪو نشو انساني سوچ ۾ ايڏي وڏي تبديلي آڻي سگهي ٿو؟

اسلام دنيا کي اهڙي تهذيب ۽ اهڙيون انساني شخصيتون عطا ڪيون، جن جا مثال پيش ڪرڻ کان سموري انساني تاريخ عاجز آهي. دنيا جي ڪهڙي تهذيب ۽ ڪهڙي سماج وٽ رسول اڪرم ﷺ جهڙي شخصيت موجود آهي؟

کھڙي دور جي کھڙي تهذيب وٽ ابوبڪرؓ، عمرؓ، عثمانؓ ۽ عليؓ جهڙا انسان موجود آهن؟ ڇا اسلام کانسواءِ ڪنهن ٻي تهذيب ۾ اهڙا ماڻهو ڪڏهن پيدا ٿيا آهن؟

ڇا ڪنهن غير مسلم معاشري وٽ جنيد بغدادي رحہ آهي؟ ڪو محي الدين ابن عربي رحہ آهي؟ مجدد الف ثاني رحہ يا علي هجويري جهڙو ڪو بزرگ آهي؟ جن صوفين ڪروڙين انسانن جون زندگيون بدلائي ڇڏيون، ڇا اهي مذهب کي نشي طور واپرائيندڙ هئا؟

دنيا ڪيترائي عظيم آسماني ۽ غير آسماني ڪتاب ڏنا آهن، پر قرآن ۽ سنت جي بنياد تي مسلمانن جيڪو اٿاهہ علمي سمنڊ تخليق ڪيو ڇا ان جو ڪو مثال موجود آهي؟

دنيا ۾ هڪ لک چويهہ هزار نبي سڳورا آيا، ۽ سوين وڏا مفڪر پيدا ٿيا، پر جهڙو علم مسلمانن حديث جي بنياد تي تخليق ڪيو اهڙو علم ڪنهن ٻي تهذيب يا سماج وٽ موجود ناهي.

مسلمانن دنيا ۾ شاعريءَ جي ايڏي عاليشان روايت پيدا ڪئي، جو جيڪڏهن مسلمانن جي فقط هڪڙي شاعر، مولانا روم جو ڪلام ساهمي جي هڪڙي پڙ ۾ رکجي ۽ دنيا جي سئو عظيم شاعرن جو ڪلام ٻئي پاسي رکجي، تہ مولانا جي شاعريءَ جو وزن وڌيڪ ٿيندو.

اڄ الهندن ملڪن وٽ جيترا بہ علم آهن، اهي هنن مسلمانن کان ورتا آهن. مسلمانن کانسواءِ مغرب نہ آئن اسٽائن پيدا ڪري سگهي ها ۽ نہ وري نيوٽن، ڇاڪاڻ تہ فلسفو مسلمانن مغرب کي ڏنو فزڪس مسلمانن مغرب کي سيکاريو ۽ منطق ۾ بہ مسلمان ئي مغرب جا استاد ٿي رهيا. فلڪيات، ڪيميا ۽ رياضيءَ جو علم بہ مغرب مسلمانن کان ئي سکيو.

سوال اهو آهي تہ ڇا مسلمانن اهي سڀ علمي ڪارناما نشي جي حالت ۾ سرانجام ڏنا؟



مسلمانن سيدنا عمرؓ جي دور ۾ وقت جي ٻن 'سپر پاور' سلطنتن روم ۽ فارس کي منهن ڀر ڪيرايو. محمد بن قاسم سترهن هزار فوج سان راجا ڏاهر جي هڪ لک فوج کي شڪست ڏني، طارق بن زياد ارڙهن هزار فوجين سان هڪ لک جي لشڪر کي هارايو بابر وٽ فقط اٺ هزار فوجي هئا، ۽ سندس سامهون بہ هڪ لک جو هندوستاني لشڪر هيو.

ڇا دنيا جا اهي بي مثال جنگي ڪارنامہ نشي جي حالت ۾ سرانجام ڏنا ويا؟ ڇا ويهين صديءَ ۾ روس ۽ ايڪيهين صدي ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملائيندڙ مسلمانن بہ نشي جي حالت ۾ اهو ڪم ڪيو؟

خدا جي وجود جا منڪر ۽ مذهب کي عوام جي 'آفيم' قرار ڏيندڙ اسان کي ٻڌائن تہ ڇا مذهب جو نشو ڪندڙ ماڻهو اهڙا عظيم ڪارناما سرانجام ڏئي سگهن ٿا؟

## نفسياتي مونجهارن جو حل، سيرتِ طيبہ جي روشنيءَ ۾

محسن انسانيت جناب رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد آهي: الله تعالي هر بيماري جي دوا آسمان مان لاٿي آهي جڏهن دوا بيماري جي موافق هوندي آهي تہ الله تعالي ۽انهي کي شفا عطا ڪندو آهي تنهن ڪري اللّٰ جا ٻانهو علاج ڪيو پر حرام شين سان علاج نہ ڪيو (بخاري شريف)

دنيا ۾ انسانن سان لاڳاپيل ڪافي بيماريون آهن ڪي جسماني بيماريون، ڪي روحاني بيماريون تہ ڪي نفسياتي بيماريون پڻ آهن. واقعي بيماري هڪ عيب، هڪ ڪمزوري ۽ نُقص آهي گهٽو ڪري بيماري ڪو گناه ناهي جيئن بخار، پيٽ جو سور، مٿي جو سور، شوگر وغيره بلڪہ گهڻيون جسماني بيماريون تہ باعث اجر ۽ ثواب آهن.

### بيماري سان گناه معاف ٿيندا آهن

هڪ عورت حضور عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو سائين مرگهي جي دؤري ۾ بيهوش ٿي پوندي آهيان حضور عليه الصلوٰة والسلام فرمايو: جي گهرين تہ تڪليف ختم ٿي وڃين يا صبر ڪر تہ ان جي بدلي الله تعاليٰ توکي جنت عطا فرمائي. عورت وراڻيون، سائين! مان برداشت ٿي ڪيان مونکي جنت ملي پر مان کان بيهوشي ۾ ڪپڙا بہ لهي ويندا آهن دعا گهرو ڪپڙا تہ نہ لهن پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم اها دعا گهري. (بخاري شريف)

اهڙي طرح هڪ ٻيري حضور عليه الصلوٰة والسلام فرمايو: مَا يُصِيبُ المُسلمَ مِن نصب وَلا وَصب وَلا هَمّ وَلا حزن وَلا اَذًی وَلا غَمّ حتّٰی الشوکۃِ يشا کهاالاّ کفّر اللّٰہ بها من خطاياه (بخاري شريف)



يعني ڪنهن مسلمان کي دنيا ۾ ڪا تڪليف پهتي ڪو ڏک، ڪو غم، ڪا مصيبت، ڪا بي چيني، ٿڪاوٽ ۽ ٽينشن يا ڪو ڪنڊو چڀيس تہ انجي بدلي بہ اللّٰ تعالي ٻانهي جون خطائون ۽ گناه معاف فرمائيندو آهي.

بهتر ماڻهو ڪير؟

قرآن ۽ سنت ۾ ٻانهي لاءِ وڏا دلاسا آهن ڪاش ڪو پڙهي ۽ غور ڪري تہ گهڻن ئي مونجهارن کان بچي پوي.

حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو: اهو مؤمن بهتر آهي جيڪو ماڻهن سان گڏ رهي ميل جول ڪري ۽ ماڻهن جي تڪليفن تي سمپ ڪري ان مسلمان کان جيڪو نہ ماڻهن سان ميل جول ڪري نہ ئي سندن جي تڪليف تي صبر ڪري.( ترمذي شريف)

ظاهر آهي جيڪو نہ ڪنهن سان ملي، نہ ويهي، نہ ڪنهن کي ڪيڪاري، نہ ڪنهن سان ملاقات ڪري، نہ ڪنهن جي ڪم اچي، نہ ڪنهن جو تعاون ڪري اهو تہ اڪيلو رهجي ويندو ڊپريشن جو شڪار ٿي ويندو هلي ڪري نفسياتي مريض ٿي ويندو پوءِ ڪيس ماڻهن کان بہ پؤ ٿيندو پوري گهر ۽ خاندان تي بوجه ٿي پوندو اج ڪالهہ نفسياتي بيمارين جو عروج ۽ زور آهي ۽ ڪافي نفسياتي بيماريون تہ جرم ۽ گناه پڻ آهي. تهنڪري ڪين سمجهڻ ضروري آهي. جيئن حسد بد گماني، شڪ، وسوسو ۽ تڪبر وغيره ـ.

### نفسياتي بيماري ڇا آهي

بس ماڻهون هر وقت پريشان رهي، هر وقت تفڪرات، ذهني دٻاءُ هر وقت خوف ۽ بي چيني،مايوسي ۽ اداسي جي ڪيفيت ۾ رهي، سڀ ڪجهہ موجود هجڻ جي باوجود اڪيلائپ ۽ احساس ڪمتري جو شڪار رهي سمجهو تہ اهو بيمار آهي ۽ نفسياتي مريض آهي بلڪ نفسياتي بيماري سيني بيمارين ۽ پريشاني جي انتها جو نالو آهي.

## نفسياتي مريض قابل توجه آهي

ڪي ماڻهو نندپڻ کان ئي نفسياتي مريض هوندا آهن نہ کين پنهنجي خبر هوندي آهي نہ ئي گهروارن کي احساس هوندو آهي گهر وارا کيس دادلو ۽ انوکو ٻار سمجهندا آهن. جڏهن تہ هو نفسياتي مريض هوندو آهي ۽ اهڙا مريض قابل توجه هوندا آهن توڙيجو کين نفسياتي مريض نہ چئو.

## شيطاني ۽ نفسياتي خيالن ۾ فرق

هائو ڪي وسوسا ۽ خيالات شيطاني پڻ هوندا آهن تن ۾ فرق هي آهي جيڪڏهن وسوسا ۽ خيالات ذڪر، عبادت، تعوذ، تسبيحات وغيره سان ختم ٿا ٿين تہ اهي وسوسا وغيره شيطاني آهن ۽ جيڪڏهن وسوسا ۽ خيالات ذڪر، تسبيحات ۽ تعوذ سان ختم نہ ٿا ٿين تہ اهي وسوسا نفساني آهن(خطبات فقير).

نفسياتي بيمارين کي معمولي نہ سمجهو ان ڪشمڪش ۾ گهڻائي ڦاٿل آهن ڪافي مرد، عورتون، ٻار، ڪافي وڪيل، تعليم يافتہ، ملازم ۽ آفيسر تہ ڊاڪٽر، انجنيئر، شاگرد، استاد، شهري ۽ ڳوٺاڻان اوهانکي اداسي ۽ بي چيني جو شڪار نظر ايندا هوندا اللہ تعالي سڀ کي شفا عطا فرمائي آمين-

## ڊپريشن جا نقصان

اها ڊپريشن جي بيماري آهي ۽ نفسياتي بيماري آهي ۽ نفسياتي بيمارين ۾ جذبات، رويا ۽ روزاني جا ڪم ڪار ۽ تعلقات بري طرح متاثر ٿيندا آهن. بس پاڻ کي ماڻهون نا خوش ئي سمجهندو آهي، هر وقت طبيعت تي هڪ غم ۽ ڏک سوار هوندو آهي هر وقت ذهن تي بار ۽ ٻوجه هوندو آهي ماڻهون ڪو بہ فيصلو ناهي ڪري سگهندو. اندر ۾ ماڻهون عجيب بي چيني ۽ بدمزگي ۽ هر وقت ٻُڏتَر، مايوسي ۽ ڪاوڙ ئي محسوس ڪندو آهي آخر زندگي کان تنگ ٿي ماڻهو وڏا وڏا نقصان ڪري ويهندو آهي يا گهرواري



کي طلاق ڏئي يا خودڪشي ڪري پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي پر پوءِ بہ قصو ختم ناهي ٿيندو آخرت ۾ بہ ان عمل جي سزا ڇڪڻي پوندي آهي پر خبردار نفسياتي بيماري جسم کان وڌيڪ روح ۽ دل ۽ دماغ کي ڪمزور ۽ هيڻون ڪري ڇڏيندي آهي.

## نفسياتي بيمارين جا غير شرعي علاج

هر جائز ۽ مباح علاج ڪرڻ صحيح آهي، ضروري آهي پر پوءِ بہ گهڻان ماڻهون تنهن جي حل ۽ سڪون ۽ خيالات جي مٿاستا لاءِ ڇوڪرَن يا ڇوڪرِن سان دوستي ۾ تہ ڪي شراب ۽ منشيات ۽ سير تفريح ۾ تہ ڪي موسيقي جو پاسو وٺندا آهن ۽ وڌيڪ پريشانين جو شڪار ٿي ويندا آهن. حقيقت اها آهي تہ اهي شيون علاج نہ پر زهر ۽ پاڻ بيماريون آهن ڇو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آهي: الله تعاليٰ ڪنهن حرام شيءِ ۾ شفا ۽ علاج ناهي رکيو. (بخاري شريف)

## نفسياتي بيماري عالمي بيماري آهي

اها بيماري هاڻي پوري دنيا ۾ ڦهليل آهي هڪ تحقيق ۾ ٻڌايل آهي تہ ڪروڙين ماڻهون ان بيماري ۾ مبتلا آهن وڌيڪ- 2021 ع جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو تہ اسانجي ملڪ پاڪستان ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهون ان ڪيفيت ۾ ورتل آهن ۽ گهڻو ڪري انهن بيمارين ۾ نوجوان مبتلا آهن ۽ عالمي صحت اداري جي ٻڌايل اندازي مطابق دنيا ۾- 20 ڪروڙ ماڻهون نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا آهن نفسياتي ماهرين چون ٿا اج ڪاله هر پنجويهون ماڻهون ذهني دٻاءُ ۽ ڊپريشن ۾ مبتلا آهي اج مشينيون گهڻيون اڇي ويون آهن پر دل بي قرار آهي، شهر آباد آهن روح ويران آهي، علم گهڻون آهي پر اطمينان ختم آهي، منهن تي مُرڪ آهي پر اندر ۾ نمي آهي، هر دل ۾ اداسي ۽ اڪيلائپ آهي جڻ ماڻهون سڀ ڪجه هوندين جهنگ ۾ اڪيلو ويٺو آهي.

## نفسياتي بيمارين جو حل

سيرت طيبه ۾ تنهن جو بهترين حل موجود آهي بلڪ سيرت طيبه تہ نفسياتي بيمارين جي علاج جو خزانو آهي، غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ انسان جو وڏو دشمن غربت ناهي، ڪو خارجي دشمن يا ڪا بيماري ناهي بلڪ حقيقي دشمن اندر جو غم، دل جو بوجه، بي سڪوني، ذهني ٿڪاوٽ، ڊپريشن ۽ نفسياتي بيماري آهي. نفسياتي بيمارين جا اسباب ۽ ڪارڻ.

هن بيماري جو سبب ڇا آهي. ماڻهو پريشان ڇو ٿو رهي؟ ڪهڙا سبب آهن ڇتو رهي تہ صرف سبب بيمار ذهن ناهي. وڏو سبب بيمار ماحول ۽ معاشرو آهي جيڪو ماڻهون کي والدين کان، پنهنجي رب تعالي کان، پنهنجي زندگي کان ڪاٽي ٿو ڇڏي- هائو معاشي بحران بہ سبب آهي ۽ خانداني جهڳڙا، گهر ۾ ضد، بدگماني، نہ سهپ جي فضا مصنوعي زندگي جي چمڪ دمڪ بہ مکيه سبب آهن نفسياتي بيمارين جا جن کان بچڻ گهرجي- هي ڊپريشن ئي آهي جو ماڻهون وٽ ڊگريون وڏيون پر حوصلا پست، دوستيون گهٽيون پر محبتون گهٽ، خواب گهڻا پر ننڊ ختم آهي- اچو مسلمانو! سيرت طيبہ کي اپنايو غم پروف زندگي جا مزا ماڻيو.

## نفسياتي بيمارين جو علاج

ڪوبہ صحيح ۽ جائز علاج هوميو پيٿي، ايلو پيٿي، يوناني علاج ڪرائڻ ۾ ڪو ڊپ ناهي پر گڏوگڏ سيرت طيبہ وارو علاج بہ ڪرڻ گهرجي.

سيرت طيبہ ۾ هر مسئلي جو حل موجود آهي-

### پهريون علاج - استغفار ڪري ٽينشن کي ڀڄايو

حضور عليه الصلوة والسلام فرمايو: جيڪو استغفار کي لازم ڪري وٺندو الله تعالي ان جو هر غم ۽ ڏک دور ڪندو ۽ هر تنگي مان ان لاءِ آساني ڪندو ۽ کيس اهڙي جاءِ تان رزق ڏيندو جتان کيس وهم ۽ گمان بہ نہ هوندو- استغفار معني رب کان بخشش ۽ معافي گهرڻ. استغفار سان دل کي



هڪ تازگي ۽ فرحت ۽ راحت نصيب ٿيندي آهي ۽ اندر جو بار هلڪو ٿيندو آهي توهان تجربو ڪري ڏسو رب سان عجيب ڳانڍاپو ٿي پوندو آهي-.

### ٻيون علاج - دعا جي پابندي ڪري ٽينشن ڀڄايو

توهان کي ڊپريشن آهي يا نہ . هي سيرت طيب وارا عمل پابندي سان ڪيو زندگي ۾ انقلاب ۽ تبديلي محسوس ڪندؤ توهان جي ذهني دماغي نفسياتي واش ٿيندي رهندي- مسلمانو! پنهنجي پالڻهار خلقڻهار رب تعالي کي دل سان ٻاڏايو انکي ئي هر حال ۾ خوشي غمي ۾ پڪاريو هو توهانجي سڏڻ تي جيءُ ٿو چوي، حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو: رب تعالي ان ماڻهون تي ناراض ٿو ٿئي جيڪو کيس نہ ٿو پڪاري-(ترمذي شريف) علاج سمجهي رب کان دعائون گهرو هر قسم جي پريشانين کان ڇٽي پوندؤ ها تڪليفون ايندين تن کان ڪو دنيا ۾ نٿو بچي سگهي پر دعا ۽ ذڪر الله جي برڪت سان ماڻهون هرقسم جي نفسياتي پريشاني ۽ مونجهارن کان آزاد ٿي پوندو.

### روحاني ٿيراپي

دعا تہ هر قسم جي ڊپريشن کي گوَر ڪندي آهي بلڪ دعا تہ روحاني ٿيراپي آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم هي دعا نماز ۾ بہ گهرندا هئا ۽ صحابہ ڪرام پنهنجي ٻارن ٻچن کي هي دعا ياد ڪرائيندا هئا - اي الله! مان تنهنجي پناه ٿو گهران غم ۽ فڪرات کان، ڪمزوري ۽ سستي کان، ۽ تنهنجي پناه ٿو گهران ڪنجوسي ۽ بزدلي کان، ۽ تنهنجي پناه ٿو وٺان قرض ۽ ماڻهن جي دٻاءَ کان(بخاري شريف)

هڪ شخص عرض ڪيو يا رسول الله! مان پنهنجي جان، مال، اولاد ۽ گهروارن جي معاملي ۾ ڏاڍو پريشان ۽ بي چين ٿو رهان. تنهن کي رسول الله صلي الله عليہ وسلم هي دعا تلقين فرمائي: بِسمِ اللّٰهِ علٰى دِينِى وَ نَفسِى وَ وَلدِى وَ

آهلِي وَ مالي يعني- يا الله منهنجي دين ۽ جان مال اولاد ۽ گهروارن ۾ پهنجي نالي جي برڪت عطا فرماءِ.

ماڻهون جڏهن پنهنجي رب تعالي سان مناجات ڪندو تہ الله تعاليٰ ڪيس ايماني قوت ۽ طاقت عطا ڪندو سو ئي ڪيس همت، يقين، خوشي ۽ سڪون قلبي عطا فرمائيندو- هڪ پيري محبوب صلي الله عليہ وسلم فرمايو: جنهن شخص لاءِ دعا جو دروازو کوليو ويو سمجهو تہ ان لاءِ الله جي رحمت جا دروازا کلي ويا . (حديث شريف).

ٽيون. نفسياتي بيماري جو علاج، ننڊ پوري ۽ کاڌ خوراڪ ۾ احتياط ڪري ڊپريشن ڀڄايو

حديث شريف ۾ آهي- هڪ شخص چيو مان ساري رات عبادت ڪندم ننڊ نہ ڪندم تنهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو: اِنّ لِعينِک عليک حقّا، و لِزوجَتِک عليک حقّا- تنهنجي جسم جان ۽ اَک جو بہ توتي حق آهي، ۽ تنهنجي گهرواري جو بہ توتي حق آهي- دين ۽ دنيا جي ڪمن وچٽرائپ ۽ بيلنس هجڻ تمام ضروري آهي. ڏسو! ذڪر، عبادت، تعليم ۽ دنياوي ڪم ڪار، دوڪانداري، مزدوري، محنت، ملازمت وغيره ۾ وچٽرائپ اختيار ڪرڻ سان سيئي ڪم آساني سان ٿيندا نہ تہ سڀ ڪم ڊانوان ڊول ٿيندا- ماهرين نفسيات جو اتفاق آهي تہ خوراڪ ۽ ننڊ ۾ توازن هجڻ گهرجي جنهن جا صحت تي سنا اثر ظاهر ٿيندا آهن. منجهند جو ٿوري ننڊ ۽ شام جو ڪجهہ خوشگوار ماحول ۾ واڪ ڪرڻ جا ڪرشما ئي پنهنجا آهن- ماهرين نفسيات ان تحقيق تي پوءِ پهتا آهن. پر سيرت طيبه ۾ آهي، حضور صلي الله عليہ وسلم صديون پهريان فرمائي چڪا آهن تہ ننڊ ۽ جاڳ ۾ توازن هجڻ اڻٽر آهي ڌيان نہ ڏرڻ ڪري چڱو ڀلو ماڻهون بہ بيمار ٿيو وڃي، حديث پاڪ ۾ آهي حضور صلي الله عليہ وسلم رات جو دير سان سمهڻ ۽ رات جو سومهڻي کان پوءِ آکاڻيون ٻڌڻ کي ناپسند ڪندا هئا.(ابو داؤد شريف)



چوٿون. نفسياتي بيمارين جو علاج آهي اڪيلائپ کان بچو نيڪ سنگت اختيار ڪيو ڊپريشن کي ڀڄايو

اڪيلائپ کي ڇڏيو چڱي سنگت جي ويجهو ٿيو. حضور صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آهي: بري سنگت ۾ ويهڻ کان اڪيلائپ بهتر آهي ۽ اڪيلائپ کان سني سنگت ڀلي آهي. (مشڪوة شريف عن ابي ذر)

گهڻو ڪري ڊپريشن جو شڪار اهي ماڻهون هوندا آهن جيڪي اڪيلائپ کي پسند ڪندا آهن باغن يا جهنگلن ۾ خالي گهر يا ٻئي منزل تي اڪيلي ڪمري ۾ ٽُٽل کٽ تي پيگل ڪرسي تي زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريندا آهن ۽ اڪيلائپ ۾ پاڻ سان وڙهندا رهندا آهن حالانڪ تنهائي شيطان جو ورڪشاپ آهي-

## سني دوست ۽ بري دوست جو مثال

حضور صلي الله عليہ وسلم ارشاد فرمايو: سٺو دوست عطر وڪڻندڙ وانگر آهي يا تون ان کان عطر خريد ڪندي يا هو ڪجه عطر توکي هديو ڏيندو نہ تہ خوشبوءِ تہ توکي محسوس ٿيندي ئي ٿيندي، ۽ برو دوست باه جي ڀَٺي ڏکائيندڙ وانگر آهي ان وٽ ويهبو بہ تہ باهہ جون چڻگون ڪپڙن ۽ جسم کي ساڙينديون يا بدبو تہ سَهڻي پوندي.

اهڙي طرح نيڪوڪار دوست کان خير پهچندو ۽ هن کان راحت پهچندي، خيالن جو سڌارو ٿيندو- بري دوست کان برائي پهچندي بلڪ برو دوست تہ شيطان کان وڌ خطرناڪ آهي شيطان صرف وسوسو وجهندو آهي برو دوست مجبور ڪري بري ڪم ۾ ڦاسائيندو آهي ۽ بري دوستن سان لَه وِچڙ ڪري ماڻهون جا خيال خراب ٿيندا طبيعت ۾ اداسي، شرارت ۽ شهوت وڌندي برن خيالن ۾ اجان واڌ ٿيندي.

پنجون .نفسياتي بيمارين جو علاج آهي خلقِ خدا جي خدمت ڪري ڊپريشن ڀڄايو.

الله جي ٻانهن جي ڪم اچو واندا نہ ويھو ان سان ذھن فريش ۽ تازو ٿيندو خيال صاف ٿيندا، الله راضي ٿيندو، مخلوق ۾ بہ محبت ۽ عزت ٿيندي ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جو فرمان آھي: خَير الناس مَن يّنفع الناس - (آسان نيڪيان)

توھان انسانن مان بھتر اھو آھي جيڪو ٻين ماڻھن کي فائدو پھچائي، توھان ٻين جي ڪم ايندؤ خود الله تعاليٰ توھان جي ڪم ايندو، الله جي ٻانهن لاءِ آسانيون ڪيو الله تعاليٰ توھان لاءِ آساني ڪندو، توھان ٻين جا غم ھلڪا ڪيو الله تعالي توھان جا غم ھلڪا ڪندو-

حديث پاڪ ۾ آھي: مَن نَفَّسَ عن مؤمن ڪَربةِ مِن ڪرب الدنيا وَالآخرة نفس الله عنه ڪَربة من ڪرب يوم القيامة- (مشڪوات شريف) حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو: جيڪو ڪنهن شخص جي دنيا جي ڪا تڪليف دور ڪندو الله ان جي دنيا ۽ آخرت جون تڪليفون دور ڪندو جيڪو ڪنهن مسڪين سان آساني ڪندو، ان سان الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ آساني ڪندو ۽ جيڪو ڪنهن تي دنيا ۾ ڍڪ ڍڪيندو الله تنهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ ڍڪ ڍڪيندو ۽ الله ٻانهي جي مدد ۾هوندو آھي جيسيتائين ٻانهو مسلمان ڀاءُ جي مدد ۾ هوندو آھي..

ھي انساني ذھن ۽ طبيعت جو خاصو آھي تہ ھڪ وقت ۾ گھڻن ڪمن ڏي ڌيان نہ ڪري سگھندو آھي جڏھن بہ ھڪ ڪم ۾ رڌل ھوندو آھي تہ ٻئي ڪم ۽ خيال کان سندن ذھن خالي ٿي ويندو آھي، ٻئي جي تڪليف ۾ سندس پنھنجي تڪليف وسري ويندي آھي.

ڇھون، نفسياتي بيمارين جو علاج آھي- الله جو ذڪر- الله جي ياد سان ڊپريشن ڀڄايو.

الله جي ياد ڊپريشن جو طاقتور علاج آھي، الله جو ذڪر ھر درد جي شفا آھي. وَلَذڪر الله اڪبر (سورة العنڪبوت) الله جو ذڪر بيشڪ ھر شيءِ کان وڏو آھي - اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْب - ٻڌو الله جي ذڪر ۾ دلين جو اطمينان آھي .



(ھڪ حديث جو مطلب) حضور صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آھي: ايترو الله جو ذڪر ڪيو جو ماڻھون توھانکي چريو چون (فضائل اعمال - مقصد تہ ذڪر گھٽائي سان ڪيو جو توھانجي غفلت نہ رھي، ايترو ذڪر ڪيو جو توھانکي گناھن جو موقعو نہ ملي، ايترو ذڪر ڪيو جو بري سنگت توھانجي ويجھو ئي نہ اچي،اھڙي طرح ذڪر جو جلدي توبه جي توفيق ملندي رھي . حضور صلي الله عليہ وسلم جي ھڪ گھرواري صبح جو چار چار ڪلاڪ ذڪر ۽ تسبيح ۾ گذاريندي ھئي.(زادالطالبين)

بھتر ھي آھي تہ ذڪر/عبادت اھڙي وقت ۽ اھڙي جاءِ تي ڪجي جو ڪنهن بيمار يا گھروارن يا نمازين کي تڪليف ۽ رڪاوٽ نہ ٿئي ۽ ڪنهن الله واري، عالم صالح کان سکيا وٺي ذڪر ڪجي- ھڪ حديث ۾ فرمايو ويو آھي تہ ذڪر ڪرڻ وارو ۽ ذڪر نہ ڪرڻ وارو زنده ۽ مئل وانگر آھن ذڪر ڪرڻ وارو شخص جيئرو ۽ ذڪر نہ ڪرڻ وارو شخص مئل آھي.(فضائل اعمال)

ڏسو مئل کي ڪو گھر ۾ نہ رکندو، نہ ڪو سندن ويجھو ايندو، سندس سان نہ ڪو ويھندو، نہ ڪچھري ڪندو، مئل ماڻھو پاڻ کي يا ٻين کي ڪو فائدو پھچائي سگھندو ھرگز نہ- مئل کي رکڻ ۾ ڪو فائدو نہ آھي- اھوئي حال ذڪر نہ ڪرڻ واري جو آھي- بلڪ مئل کي گھر ۾ رکڻ سان ويتر گھروارن جو ٽينشن وڌندو ۽ پريشان ٿيندا-

حقيقت ھي آھي تہ دلي سڪون لاءِ نہ مال ضروري آھي، نہ ڊگري، نہ عھدو، سيرت طيبه ۾ آھي تہ دلي سڪون لاءِ نظر جي حفاظت بہ ضروري آھي. ماڻھون ھيڏي ھوڏي نہ واجھائي نظر تي ڪنٽرول ڪري، منع ٿيل شيءِ کي نہ ڏسي، ان طريقي سان نفس جون گھرجون ڪنٽرول ۾ رھنديون ورنه نظر جي رستي سان دل ۾ مختلف شيون ايندديون ۽ دل پريشان ٿيندي- اھڙي طرح ماڻھون دين ۾ پاڻ کان مٿانھين کي ڏسي، ۽ دنيا ۾ پاڻ کان گھٽ واري

ڪي ڏسي، پوءِ صبر، قناعت، ۽ شڪر پيدا ٿيندوگھٽن ئي نفسياتي بيمارين کان ماڻهوبچندو رهندو.

ستون، نفسياتي بيمارين جو علاج آهي- صدقو ڪيدي ڊپريشن کي ڀڄايو

حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو: الصَدقَة تردُ البلاء-

صدقو ۽ خيرات، مصيبت کي ٽاريندو آهي.(مشڪوات شريف) ٻئي روايت ۾ اچي ٿو: صدقو مصيبت جي ستر دروازن کي ٽاري ٿو. شير خدا حضرت علي رضي الله عنه فرمايو: جيڪو چوي منهنجون دعائون قبول ٿين ته روزانو صبح جو پهريون ڪجهہ صدقو ڪري ۔ وما علينا الا البلاغ المبين.-



علي اڪبر راهمون

# ايمان ۽ سائنس: راهون جدا، حقيقت واحد:
## (هڪ جامع فڪري جائزو)

آدم جي اولاد جي تاريخ رڳو بقا جي جدوجهد جو احوال ناهي، پر اها علم، سوال، ۽ حقيقت جي ڳولا جي ڪهاڻي بہ آهي. جڏهن انسان ڌرتيءَ تي قدم رکيو تڏهن هن رڳو ماحول سان مطابقت پيدا نہ ڪئي، پر پنهنجي ظاهري ۽ باطني حواسن جي مدد سان ڪائنات کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ ان جي معنيٰ تلاش ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي طرح انساني شعور ٻن متوازي رستن تي اڳتي وڌيو: هڪ طرف سائنس، جيڪا فطرت جي قانونن، مادي حقيقتن ۽ سببن جي ڳولا ڪري ٿي؛ ۽ ٻي طرف ايمان، جيڪو وجود جي مقصد، قدرن، اخلاق ۽ روحاني سچائيءَ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو. يا ائين چئجي تہ سائنس حقيقت جو بيان ڪري ٿي، ايمان حقيقت جي معني آهي. هتي حقيقت مان مراد اها بنيادي سچائي آهي، جنهن تائين سائنس، مشاهدي ۽ عقل وسيلي پهچي سگهجي ۽ ايمان ان سچائي جي معني کي روشن ڪري.

هي ٻئي رستا ظاهري طور الڳ لڳن ٿا، پر حقيقت ۾ اهي انساني وجود جي هڪ ئي جستجو جا ٻہ رخ آهن يعني حقيقت تائين رسائي.

موجوده دور ۾، خاص طور تي شڪي مزاج لبرل فڪر ۽ الحادي بيانيي هيٺ، اهو سوال ٻيهر زور سان اٿاريو ويو آهي تہ ڇا ايمان ۽ سائنس گڏ هلي سگهن ٿا؟ ڇا مذهبي عقيدو سائنسي ترقيءَ جي رڪاوٽ آهي؟ تاريخ، منطق ۽ فطرت جو غيرجانبدار مطالعو واضح ڪري ٿو تہ هي سوال خود هڪ غلط فڪري مفروضو آهي. ايمان ۽ سائنس نہ صرف گڏ هلي سگهن ٿا، بلڪ انساني تاريخ جا سڀ کان زرخيز دور اهي ئي رهيا آهن، جتي عقل ۽ وحي، تجربو ۽ اخلاق، فڪر ۽ روحانيت گڏجي انساني تهذيب کي اوج ڏنو.

هي مضمون انهن ئي حقيقتن کي تاريخي، فلسفياڻ ۽ اسلامي تناظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش آهي.

## قديم دور: هڪ هستي جو تصور، مشاهدي، ۽ فڪر جو سفر:

تاريخ جي قديم ترين آثارن، جيئن ته بابلي، مصري ۽ هندستاني تهذيبن ۾ مذهبي رسمن جا واضح نشان ملن ٿا. ان زماني ۾ به .

انسان پنهنجي تجسس جي فطرت کان مجبور ٿي، آسماني ڪائنات ڏانهن نه صرف واجهائيندو هو پر جُهڪيندو به هو. ان مان ڪائناتي وجودن کي سمجهڻ، پرکڻ جي لاءِ فڪري روشني به حاصل ڪندو هو. انهن تهذيبن ۾ سائنس اڃا جدا علم نه هو بلڪ مذهب، فلڪيات، طب، ۽ فطرت جي مشاهدن سان مخلوط هو. يوناني فلسفين— افلاطون، ارسطو ۽ فيساغورس— به حقيقت جي تلاش کي علم ۽ ايمان جي ميلاپ سان ڏٺو.

يوناني دور ۾ سائنس جي سمجهاڻي عقل، مشاهدي ۽ قياس تي ٻيڌل هئي، ۽ فلسفو وجود جي معنيٰ تي غور فڪر ڪندو رهيو. پر سندن مذهب روايتي خدائن جي عبادت تائين محدود هو جڏهن ته عبراني نبوي روايت ۾، ايمان کي هڪ زنده، متحرڪ، ۽ اخلاقي قوت جي طور تي پيش ڪيو ويو. حضرت ابراهيم عليه السلام جو "هڪ خدا" تي ايمان، ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم کي علم ۽ شريعت ڏيڻ، ايمان جي فڪري ترقي جا اهم مثال آهن.

## اسلامي عروج جو دور: ايمان ۽ سائنس جو اتحاد -

اسلامي تاريخ جو عظيم دور، خاص ڪري عباسي خلافت جو دور (8هين–13هين صدي) هو. ان ۾ علمي جستجو ۽ فڪري وحدت جو بهترين مظاهرو هو يوناني، قديم فارس ۽ هند جي علمي خزانن کي دريافت ڪري، بيت الحڪمت قائم ڪيو ويو جتي عربي ۾ ترجمو ڪري اهي علوم عام ڪيا ويا. جتي ايمان، عقل، ۽ سائنسي تحقيق هڪ ئي ماخذ تان فيض حاصل ڪندا رهيا. قرآن پاڪ ۾ بار بار تدبر، تفڪر، علم، ۽ فطرت جي



نشانين ڏانهن ڌيان ڏيارڻ، مسلمانن کي تجربي، مشاهدي ۽ نتيجي تي ٻڌل علمن طرف راغب ڪيو، جنهن جا شاهد تاريخي دفتر آهن.

ابن سينا، الرازي، ابن الهيثم، الخوارزمي، البيروني، ۽ ٻين مسلمان عالمن سائنس ۽ ايمان جي تڪرار بدران، انهن جي هم آهنگي کي بيان ڪيو. ابن الهيثم جو تجرباتي طريقو سائنس ۾ جديديت جي شروعات هو. ابوالحسن اشعري ۽ ابو منصور ماتريدي جو عقلي دليلن سان اسلامي عقيدن کي ثابت ڪرڻ فلسفي ۽ معقولات ۾ هڪ نئون باب رقم ڪيو ۽ غزاليءَ جي فلسفي نقد ۽ علم کي روحاني تربيت سان ڳنڍي ڇڏيو. غزالي سائنس يا رياضي تي نه، پر مابعد الطبيعاتي غير ثابت شده دعوائن تي تنقيد ڪئي.

اسلامي فڪر، فلسفي ۽ تجربن جي روشني ۾ غور فڪر فقط مادي شين تائين محدود نه هو پر اخلاقي، روحاني، ۽ نفع بخش پهلو به شامل هئا. تنهنڪري اسلامي سائنس، هڪ "عبادت" جي صورت اختيار ڪئي، ۽ علم کي الله جي معرفت جي وسيلن مان سمجهيو ويو. اسلامي علم ڪلام ۾ حواس خمسه ظاهري ۽ عقل وفڪر کي به علم باليقين جا سبب، ذريعا ۽ سرچشما تسليم ڪيا ويا.

## يورپي بيداري:

سائنس، فلسفي کان ڌار واٽ ان وقت اختيار ڪئي، جڏهن اولهه ۾ قرون وسطيٰ دوران، چرچ جي ظلم ، بائبل جي قدامت پرستي، علمي، فڪري جمود ۽ تجرباتي علم جي بي قدري سبب سائنسدانن ۽ سائنس، فلسفي جي ڪتابن کي دٻايو ۽ جلايو ويو. پوءِ 16هين صديءَ جي "نشاة ثانيه" دوران، ڪاپر نيڪس، گليليو، نيوٽن، ۽ ڊارون جي تحقيقات مادي ڪائنات کي قانونن، حرڪتن، ۽ فطري اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ، پرکڻ شروع ڪيو.

پر يورپ جي هن فڪري آزاديءَ ۾، مذهب کي رڪاوٽ تصور ڪيو ويو پاپائيت، ۽ توهمات جو ذريعو سمجهي، ان کان پاڻ کي ڌار ڪيو ويو. Enlightenment (روشن فڪري دور) ۾ عقل، سائنس، ۽ انسانيت کي مرڪزي حيثيت ملي، ۽ مذهب کي نجي معاملو بڻايو ويو.

هيءَ ڏار ٿيڻ دراصل تاريخي مجبورين، ۽ پاپائيت جي ظلم ۽ تنگ نظري جو نتيجو هو. علحدگي جو فيصلو علمي ضروريات جي ڪري نہ ٿيو هو. اهڙين حالتن ۾ سائنس پنهنجي نون اصولن، تجربن، ۽ نظريات سان ترقي ڪندي رهي، پر "وجود جي معنيٰ"، "اخلاق جي ماخذ"، ۽ "روح جي سڪون" لاءِ ڪو متبادل نہ ڏئي سگهي.

## جديد سائنس جو بحران: خالي مادي ڪائنات؟

اوڻويهين صديءَ جي آخر تائين، سائنس وڏي حد تائين نيوٽني مادي تصور جي تابع رهي، جنهن ۾ مڪان، زمان، حرڪت، ۽ توانائي بنيادي حقيقتون رهيون. پر پوءِ ڪوانٽم ميڪانيڪس، ريليٽوٽي، ۽ ڪازلٽي جي ٽٽڻ سان انسان کي ڌڪ لڳو تہ مادي سائنس جو حتمي تصور غير يقيني بڻجي ويو.

ساڳئي وقت، جديد انسان جي داخلي اڻ تڻ، بي چيني، وجودي بحران، بي مقصد زندگي، ۽ اخلاقي لاوارثي انسانيت کي مجبور ڪيو تہ هو وري ماديت کان مٿاهين هستي ڏانهن ڏسي، حقيقت کي مذهبي، ۽ اخلاقي پيغام ۾ تلاش ڪري.

انهن حالتن ۾ سائنس پاڻ ئي مابعد الطبعيات، شعور جي حقيقت، ۽ قدرن جي اهميت تي سوال اٿارڻ لڳي. رچرڊ ڊاڪنس وانگر هڪ اهم فڪري ڌڙو ملحد سائنسدانن جو جهڙوڪ، آئن اسٽائن، ۽ روجر پينروز جهڙا سائنسدان بہ انسان جي شعور ۽ ڪائنات جي "معنيٰ" بابت روحاني سوالن کي سنجيده وٺڻ لڳا.

## جديد ٽيڪنالاجي، اخلاقي بحران ۽ اسلامي رهنمائي:

هاڻوڪي دور ۾ سائنس صرف فطرت جي تشريح تائين محدود نہ رهي آهي، بلڪ انساني فطرت ۾ مداخلت ڪرڻ لڳي آهي: مصنوعي ذهانت (AI)، جين ايڊيٽنگ، ڪلوننگ، ۽ نيوروسائنس جهڙا شعبا انسان کي "ڇا ڪري سگهجي ٿو؟" کان اڳتي وٺي "ڇا ڪرڻ گهرجي؟" جي سوال آڏو آڻي بيهاري رهيا آهن. جديد سائنس وٽ طاقت آهي، پر اخلاقي حد بندي جو مستقل معيار موجود ناهي. هتي اسلام، انسان کي "خليفۃُ الله" جي حيثيت



ڏئي، علم سان گڏ ذميواري، امانت، ۽ تقويٰ جو تصور پيش ڪري ٿو. قرآن جو اصول "ولا تفسدوا في الارض" (زمين ۾ فساد نہ ڪريو) جديد سائنسي طاقت لاءِ هڪ اخلاقي چيڪ آهي. اهڙيءَ طرح اسلامي اخلاق، سائنس کي انسانيت لاءِ رحمت بڻائي سگهي ٿو نہ ڪي خطري جو ذريعو.

## سائنٽزم (Scientism) جو مغالطو ۽ علم جا اسلامي دائرا -

جديد فڪر ۾ هڪ خطرناڪ رجحان "سائنٽزم" آهي—يعني اهو دعويٰ تہ صرف سائنسي طريقو ئي سڀني سچائين تائين رسائي ڏئي سگهي ٿو. هي دعويٰ پاڻ سائنسي نہ، بلڪ فلسفيانہ مفروضو آهي. اسلام، علم کي هڪ جامع حقيقت سمجهي ٿو جنهن جا ذريعا: حواس، عقل، تجربو وحي، ۽ وجدان آهن. سائنس "ڪيئن" جو جواب ڏئي ٿي، پر "ڇو" جو نہ. سائنس عمل بيان ڪري ٿي، پر مقصد طئي نٿي ڪري. اسلامي علميات ۾ تجرباتي علم علمُ اليقين تائين پهچائي ٿو پر عين اليقين ۽ حقُّ اليقين لاءِ وحي ۽ روحاني شعور ضروري آهن. اهڙي توازن سان ئي انسان نہ رڳو ڪائنات کي سمجهي سگهي ٿو پر پنهنجي وجود، مقصد، ۽ اخلاقي ذميواري کي بہ سڃاڻي سگهي ٿو.

## سائنس کي خدا جي انڪار جو دليل بڻائڻ، هڪ فڪري مغالطو:

ملحدن جي اها دعويٰ تہ سائنس خدا جي وجود کي رد ڪري ٿي، دراصل سائنس جي دائري کي فلسفيانہ طور وڌائڻ جو نتيجو آهي، نہ ڪي سائنسي نتيجن جو. سائنس فطرت جي قانونن، سبب ۽ نتيجي، ۽ مادي ڪيفيتن کي بيان ڪري ٿي، پر اهو سوال تہ "اهي قانون ڇو موجود آهن؟" يا "وجود کي ابتدا ڪيئن ملي؟" سائنس جي تجربي واري دائري کان ٻاهر آهي. خدا جو تصور سائنس سان ٽڪراءُ ۾ نہ، بلڪ سائنس جي امڪان جو

بنيادي شرط آهي، جو تہ منظم قانون، رياضياتي هم آهنگي، ۽ ڪائناتي نفاست پاڻ هڪ اعليٰ حڪمت ۽ ارادي ڏانهن اشارو ڪن ٿا. اسلام ۾ الله کي "سببن جو سبب" (مسبب الاسباب) سمجهيو وڃي ٿو، تنهنڪري فطري سببن جي دريافت، خدا جي نفي نہ، پر سندس سنتن جي سڃاڻپ آهي. سائنس "ڪيئن" کي واضح ڪري ٿي، جڏهن تہ وحي "ڇو" جو جواب ڏئي ٿي—۽ انهن ٻنهي کي گڏي سمجهڻ ئي عقلِ سليم ۽ ايمانِ بالغ جو تقاضو آهي.

## ايمان جي واپسي: سائنسي تحقيق کان پوءِ روح جو سڏ:

21هين صديءَ ۾ انسان جي بي چيني، داخلي تڪليف ۽ سائنس جي محدود تعريف انسان کي ٻيهر ايمان ڏانهن موٽڻ تي مجبور ڪري رهي آهي. ملحد سائنسدان بہ «مذهب کان خالي روحانيت» جي ڳولا ڪري رهيا آهن، ذهني انتشار ۽ تسڪين قلب لاءِ مراقبي جي ترغيب ڏيئي رهيا اهن، پر اهو تجربو ان وقت تائين اڌورو رهندو جيستائين حقيقت جو شعور نہ ملي.

قرآن پاڪ چوي ٿو:

> "سَنُرِيهِمْ آيَاتِنَا فِي الْآفَاقِ وَفِي أَنفُسِهِمْ، حَتَّىٰ يَتَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُ الْحَقُّ"

("اسان انهن کي پنهنجي نشانيون ڏيکاريندا سين آسمانن ۾ ۽ سندن پاڻ ۾، تان جو انهن تي ظاهر ٿي پوي تہ بيشڪ اهو (قرآن) سچ آهي")

هيءَ آيت سائنس جي ترقي ۽ روح جي بيداري ٻنهي جو سنگم آهي. ايمان انسان جي دل، روح، ۽ ضمير کي اطمينان ڏئي ٿو ۽ سائنس انسان جي عقل کي معقوليت، نظم، ۽ قانون پسندي سيکاري ٿي.

## حاصلِ ڪلام تہ:

اج جو انسان هڪ ڀيرو ٻيهر انهيءَ فڪري چوواٽي تي بيٺو آهي، جتان سندس سفر شروع ٿيو هو يعني عقل ۽ روح جي گڏيل راهہ. فرق رڳو ايترو



آهي تہ اج جي انسان وٽ تجربن جو وڏو سرمايو، سائنسي ڄاڻ جي وسعت، ۽ تاريخي شعور موجود آهي. جديد سائنس انسان کي ڪائنات جي بناوٽ، قانونن ۽ مادي نظامن بابت حيرت انگيز ڄاڻ ڏني آهي، پر ساڳئي وقت هوءَ انسان کي وجود جي معنيٰ، اخلاقي ذميواري ۽ روحاني سڪون بابت خالي هٿ ڇڏي وئي آهي. هتي ايمان انسان کي اهو مرڪز مهيا ڪري ٿو جتي علم مقصد بڻجي ٿو ۽ طاقت ذميواري ۾ تبديل ٿئي ٿي.

اسلامي فڪر واضح ڪري ٿو تہ سائنس ۽ ايمان هڪ ٻئي جا دشمن نہ، پر تڪميل ڪندڙ ساٿي آهن. ايمان سائنس کي اخلاقي رخ، انساني مقصد ۽ قدرن جي ميزان ڏئي ٿو جڏهن تہ سائنس ايمان کي ڪائنات جي نشانين ذريعي عقل سان سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي. جيڪڏهن مسلمان ايمان جي اخلاقي روشني، روحاني بصيرت ۽ سائنس جي تجربي واري معقوليت کي ٻيهر گڏ ڪن، تہ هو نہ صرف پنهنجو فڪري بحران حل ڪري سگهن ٿا، بلڪ انساني تهذيب کي بہ نئين اخلاقي قيادت ڏئي سگهن ٿا. جيئن ماضي ۾ سندن اسلاف علم، فڪر ۽ ايمان جي هم آهنگي سان دنيا جي رهنمائي ڪئي، تيئن اج بہ اهو ئي جامع رستو انسانيت کي معنويت، توازن ۽ حقيقي ترقي ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو.

## آخر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر عرض تہ

مذهب ۽ ايمان جي منڪرن ۽ لبرلن جي غلط فهمي جو ازالو ڪرڻ ۽ پروپيگنڊا کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ اج دور ۾ مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ ايمان جي روحاني روشني ۽ سائنس جي تجربي واري قوت کي هڪ ڀيرو ٻيهر گڏ ڪٽي هلن. ماضي ۾ جيئن عباسي دور ۾ بيت‌الحڪمت جي ذريعي مسلمانن علمي قيادت سنڀالي، ۽ علم کي وڌايو تئين اج بہ ضرورت آهي تہ فلسفي،

فڪر ۽ سائنسي تحقيق کي گم ٿيل ميراث سمجهي ديني مدرسن جي نصاب ۾ ٻيهر شامل ڪجي، تحقيق ۽ ايجاد جا دروازا کولجن.

جئين رومي رحمت الله عليہ انسان کي اندروني ڪمال ۽ الوهي عشق ڏانهن سڏ ڏئي ٿو تئين اقبال مسلمان کي خودي، جراتِ فڪر، ۽ تخليقي عمل سان دنيا جي قيادت لاءِ تيار ڪري ٿو. سائنس سان شغف نہ صرف دنياوي ترقي لاءِ، پر ڪائنات جي حقيقت جي تلاش ۽ ايمان جي تقويت لاءِ بہ گهربل آهي. جيڪڏهن مسلمان ايمان جي اخلاقيات ۽ سائنس جي معقوليت کي گڏ ڪن، تہ هو ٻيهر عالمِ انسانيت جي فڪري، علمي ۽ اخلاقي قيادت سنڀالي سگهن ٿا، جيئن ماضي ۾ سندن اسلاف ڪيو.



محمد موسيٰ ڀٽو
عبدالغني دايو



# نفس جي سڌاري جو طريقو

## ۽ زندگيءَ جو دستور العمل

### تڪليف تي صبر ۽ شڪر جي نتيجي ۾ ملڻ وارا انعام:

مومن ٻانهي کي پهرين تہ تڪليف ۽ مصيبت جي آرزو نہ ڪرڻ گهرجي پر جيڪڏهن مصيبت اچي وڃي تہ انهيءَ کي قدرت پاران آزمائش ۽ امتحان سمجهي صبر ۽ شڪر ڪرڻ گهرجي، اهڙن موقعن تي شڪايتون ۽ دانهون نہ ڪرڻ گهرجن. پيرن ۽ پوپن جي ڳولا ۾ نہ نڪرڻ گهرجي، ورد وظيفا اجر ۽ ثواب لاءِ پڙهڻ گهرجن. مصيبتون ٽارڻ لاءِ نہ. هر ماڻهوءَ سان پنهنجو دک وندڻ، آخري حد تائين بي چين ۽ پريشان ٿيڻ مومن ٻانهي جو شان نہ آهي.

هي دنيا امتحان جو گهر آهي، امتحان گاهہ ۾ ظاهر آهي تہ ڪل خوشيءَ جون حالتون نہ هونديون آهن. ڪڏهن گهر ۾ بيماريءَ جي حالت آهي تہ ڪڏهن معاشي حالت هيٺي آهي، ڪڏهن دوستن مٽن مائٽن عزيزن پاران غيرمناسب رويو آهي تہ ڪڏهن اولاد پاران ادب ۽ احترام جي کوٽ نظر اچي ٿي ڪڏهن انهن وٽان نافرماني ملي ٿي، اهي هڙئي حالتون امتحان جو لازمي حصو آهن. جيڪڏهن مصيبت ۽ آزمائش جون اهي حالتون نہ هجن تہ پوءِ دنيا کي امتحان گاهہ جي حيثيت ڏيڻ ۽ انهيءَ حيثيت سان ڪيس سجائڻ جي گهرج ئي کهڙي هئي، مومن ٻانهي جي سڄي ترقي امتحان جي انهن حالتن کي صبر ۽ شڪر سان رهڻ ۾ ئي آهي. جيتوڻيڪ تڪليف وارين حالتن ۾ ڏک ۽ غم جو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهہ آهي پر ڏک ۽

غم کان بي صبري ۽ ناشڪريءَ تائين پھچڻ امتحاني پرچي ۾ ناڪاميءَ جو اهڃاڻ اهي.

هڪ بزرگ جو قصو آهي تہ سندس گھر ۾ ڪيئي ڏينھن تائين بک رهي سڄي گھرجي اها حالت ٿي وئي جو سڀ گڏجي خوشيون ملھائڻ لڳا تہ الله محبوب اسان کي ياد فرمايو آهي، سندس ياد جي علامت اها آهي تہ هن بک جي نوبت اچڻ ڏني آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ آخرت ۾ جڏھن مومن ٻانھي کي دنيا ۾ ملندڙ تڪليفن جو اجر ۽ ثواب درجن جي بلنديءَ جي شڪل ۾ ملندو تہ هو اها تمنا ڪندو تہ جيڪر مون کي دنيا ۾ رڳو تڪليفون ئي ملن ها، هڪ آسائش نہ ملي ها .

## سيرت جي تعمير واري سلسلي ۾ عادتن جي فيصلائتي اهميت:

سيرت ۽ ڪردار جي تعمير جي سلسلي ۾ عادتن جي نظام کي فيصلائتي اهميت حاصل آهي. انسان سھڻن گڻن جي ذريعي پاڪيزگيءَ جي مٿانھين مرتبي تي پھچي سگھي ٿو ۽ خراب عادتن جي ڪري سماج جو خراب ماڻھو ثابت ٿي سگھي ٿو.

چڱائي ۽ مندائيءَ ڏانھن ويندڙ هڙئي رستا عادتن ذريعي ئي طئہ ٿيندا آهن جديد نفسيات انساني عادتن جي اثرن ۽ نتيجن بابت جيڪا تحقيق ڪئي آهي سا بلڪل اها ئي تحقيق آهي جيڪا صدين کان صوفين سڳورن جي تجربن ۾ ايندي رهي آهي. جديد نفسيات وڏيڪ چوي ٿي تہ عادتن سان ذهن ۾ خاص رخ ۾ سوچڻ جا رستا ٺھي وڃن ٿا ۽ پوءِ هڪ وقت اچي ٿو تہ اهي رستا شاهراهن/ وڏن رستن جي شڪل وٺن ٿا. جڏھن ذهن ۾ هڪ خاص رخ ۾ لڳاتار سوچڻ جي شاهراهہ ٺھجي وئي تہ ظاهر آهي تہ انھيءَ کي مٿائي اتي نئين شاهراهہ ٺاهڻ ڪيترو نہ ڏکيو ڪم آهي، انھيءَ ڳالھہ جو اندازو سولائي سان لڳائي سگھجي ٿو.



قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ قومن ڏانھن اسان جا پيغمبر آيا پر گھڻن قومن انھن جو انڪار ڪيو . تڪذيب ۽ سرڪشيءَ جي واٽ ورتي گھڻين قومن جي عظيم اڪثريت کي پيغمبرن سڳورن عليھم السلام جي واٽ سمجھہ جوڳي نظر نہ آئي (۽ نوبت وڃي سرڪشيءَ تائين پھتي) ڇاڪاڻ تہ غلط عادتن جي سرشتي جي پڪڙ ضمير کي مسخ ڪري ذهن ۾ باطل راهن تي سوچڻ جا رستا پيدا ڪري ڇڏيا هئا، تنھن ڪري صاف شفاف، ۽ پاڪ واٽ ماڻھن کي اوپري لڳي .

خراب عادتن جو هڪ برو نتيجو اهو آهي تہ فاسد ماڻھن جي صحبت ۽ سنگت، دوستي محبوب وندر جي شڪل وٺي ويندي آهي ۽ نفس پرست ماڻھن جي دوستي هڪ ٻئي کي حق ۽ سچ کان اجا سرس ڏور ڪري سندن لاءِ شر/ فساد کي سگھارو ڪندي رهندي آهي ۽ چڱائي/ نيڪيءَ جون واٽون سوڙهيون ڪندي آهي.

غلط عادتن واري نظام جي پختگيءَ جو ٻيو اهو نتيجو نڪرندو آهي تہ طبيعت ۾ حق ۽ سچ کان بيزاري ۽ وحشت جي ڪيفيت پيدا ٿي پوندي آهي ۽ طبيعت ڪنھن بہ قيمت تي حق جي ڳالھہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي آهي.

ٽيون نتيجو اهو هوندو آهي تہ الله وارن (جيڪي غلط عادتن وارن ماڻھن لاءِ پنھنجي مٿانھين پرواز جي ڪري ايمان جي سلامتيءَ جو ذريعو بڻجي سگھن ٿا) کان گھڻو پري ٿي وڃجي ٿو .

عادتن جي انھن اثر ۽ خصوصيتن جي مطالعي کانپوءِ قرآن مجيد جي هنن آيتن تي ويچاريو تہ عادتن جي حوالي سان قدرت جي گمراهي ۽ هدايت جي نظام کي سمجھڻ ۾ ملي ٿي ۽ فاسد عادتن کان بچڻ جو فڪر پيدا ٿئي ٿو .

بل ران علي قلوبھم بما کانو يڪسبون. (مطففين - آيت16)

(بلڪ انھن جي بد عملن جي ڪري سندن دلين تي زنگ چڙهي ويو آهي.)

ما صرف عن آياتي الذين يتكبرون في الارض بغير الحق وان يروا كل آيتہ لا يومنوا بها وان يروا سبيل الرشد لايتخذوه سبيلا وان يروا سبيل الفي يتخذوه سبيلا . (اعراف آيت146)

(جيڪي زمين ۾ ناحق تڪبر/ وڏائي ڪن ٿا انهن کان اسان پنهنجي آيتن جو (فهم ) سمجهہ ڪسي ڇڏيندا سي، جيڪڏهن سموريون آيتون ڏسن تڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا تڏهن بہ اها واٽ نہ وٺندا جيڪڏهن گمراهيءَ جي راهہ ڏسندا تہ اها راهہ وٺندا. (بني اسرائيل جي حوالي سان بحث).

هي بدعادتن جا ئي اثر آهن جنهن ڪري الله جي واٽ تي سوچڻ ۽ رسالت واري واٽ جي توفيق ڇٽ ٿي وڃي ٿي، خراب عادتن جي انهيءَ سگهاري سرشتي جي ڪري الله جو اهو قانون لاڳو ٿي وڃي ٿو جنهن سان دل ۽ دماغ صحيح پاسي ۾ سوچڻ ۽ پاڪ احساسن جي لذت واري مزي ماڻڻ کان صفا محروم ٿي وڃن ٿا ۽ خراب عمل سهڻن عملن جي شڪل ۾ نظر اچڻ لڳن ٿا .

انهيءَ کي مهر هڻڻ سان پيٽو ويو آهي .

تا الله لقد ارسلنا الیٰ امم من قبلک فزين لهم الشيطان اعمالهم وهو وليهم اليوم ولهم عذاب اليم . (النحل – آيت63)

(الله جو قسم اسان توهان پهرين امتن ڏانهن بہ پيغمبر موڪليا تہ شيطان انهن جي ڪردار (ناشائستہ) کي آراستہ ڪري ڏيکاريو تہ اڄ بہ هو شيطان) توهان جو دوست آهي ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

افمن زين له سوء عمله فراه حسنا. (فاطر – آيت8)

(ڀلا جنهن ماڻهوءَ کي سندس بدعمل ڀلا ڪري ڏيکاريا ويا هجن ۽ هو انهن کي ڀلو سمجهڻ لڳي).

وقضينا لهم فزينوا لهم ما بين ايديهم وما خلقهم. (حم سجده – آيت25)



(اسان (شيطانن کي) انهن جو همنشين مقرر ڪري ڇڏيو هو تہ انهيءَ انهن جا پهريان ۽ پويان عمل کين ڀلا ڪري ڏيکاريا).

فلما زاغوا ازغ الله قلوبهم والله لايهدي القوم الفاسقين.

(۽ جڏهن انهن ماڻهن ٽيڙي روش اختيار ڪئي تہ الله تعاليٰ انهن جون دليون ٽيڙيو ڪري ڇڏيون.)

خراب عادتن جي وڌيڪ اثرن جو اندازو انهيءَ آيت سڳوريءَ مان لڳايو جنهن ۾ فرمايو ويو آهي تہ دوزخ وارن کي جيڪڏهن ٻيهر دنيا ۾ موڪليو وڃي تہ تڏهن بہ اهي ئي عمل ڪندا جيڪي هو پهريان ئي ڪري چڪا آهن.

ولو تريٰ اذ وقفوا علي النار فقالوا ياليتنا نرد ولا تكذب بآيات ربنا وتكون من مومنين بل بدا لهم ما كانو يخفونهن قبل ولو ردو لعادوا لما نهو عنه وانهم لكاذبون. (الانعام – آيت28 -27)

(ڪاش توهان انهيءَ وقت ڏسو، جڏهن اهي دوزخ جي ڪناري بيهاريا ويندا ۽ چوندا تہ اي ڪاش اسان کي وري (دنيا ۾) موٽائي موڪليو وڃي تہ جيئن اسان پنهنجي پالڻهار جي آيتن جي تڪذيب نہ ڪيون ۽ مومن ٿي وڃون. هي جيڪو ڪجهہ لڪائيندا هيا سو اڄ مٿن ظاهر ٿي ويو آهي ۽ جيڪڏهن اهي (دنيا ۾) موٽايا بہ وڃن تڏهن بہ جن ڪمن کان کين جهليو ويو هيو تہ وري بہ اهي ئي ڪم ڪرڻ لڳندا ڪجهہ شڪ نہ آهي تہ اهي ڪوڙا آهن).

## امت جي داخلي نظام خرابين جو هڪ بنيادي ڪارڻ:

امت جي داخلي نظام ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿيون آهن تن جو اهم ڪارڻ قرآن ۽ سنت کي بنيادي اهميت نہ ڏيڻ ۽ تصوف ، حديث ۽ فقهہ ۾ متوازن موقف رکڻ بدران گهٽ وڌائيءَ جو شڪار ٿي وڃڻ آهي. اسلام جي بنيادي ماخذي رهنما ڪتاب قرآن ۽ سنت ئي آهن، پر قرآن ۽ سنت ۾ غور ويچار ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي معاملن ۾ انهن ڏانهن منهن ڪرڻ بدران

صوفين سڳورن ۽ عالمن سڳورن جي ڳالهين کي آخري حرف سمجهڻ ۽ سڄي زندگي بڻيادي ماخذن مان فائدو نہ پرائڻ، انهيءَ سان جتي صراط مستقيم/ وارن کان دوري پيدا ٿئي ٿي اتي امت ۾ علمي، فڪري جمود ۽ رڳو تقليد يا رجحان پيدا ٿين ٿا، صوفين سڳورن جي اهميت انهيءَ ڪري آهي جو هو ماڻهن لاءِ قرآن ۽ سنت جي روح تائين پهچ جو ذريعو آهن، پر جيڪڏهن صوفي سڳورا پاڻ ئي قرآن ۽ سنت کان دور هجن تہ پوءِ ٻين ماڻهن جي صحيح رهنمائي ڪيئن ڪندا اهڙيءَ ريت عالمن سڳورن جي اهميت انهيءَ ڪري آهي جو هو ماڻهن کي قرآن ۽ سنت جي صحيح تعليم کان آگاهہ ڪن ٿا پر جيڪڏهن عالم سڳورا پاڻ ئي فرقن ۽ جٿن ۾ ورهايل هوندا تہ امت جي ڪهڙي رهبري ڪندا، انهيءَ سلسلي ۾ امام شاه ولي الله جن نهايت پلو نڪتو بيان فرمايو آهي.

"جيڪو ماڻهو الله جي پاڪ ڪتاب جي معنيٰ ۽ مطلب تي غور ويچار نہ ٿو ڪري ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي حديثن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري سو اسان مان نہ آهي. جيڪو ماڻهو انهن علم وارن صوفين جي صحبت ۾ ويهڻ پسند نہ ٿو ڪري (جن کي الله جي ڪتاب ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي علم ۽ اتباع سان بهره ور ڪيو ويو آهي) سو اسان مان نہ آهي، اهڙيءَ ريت اهي عالم جن کي حقيقي تصوف جي دولت ڏني وئي آهي ۽ اهي محدث جيڪي تفقهہ جي نعمت سان مالا مال آهن ۽ اهي فقيهہ جيڪي حديث جي علم ۾ رسوخ رکن ٿا تن سڀني سان عقيدت رکڻ ۽ انهن جو قدر ڪرڻ ضروري آهي، انهيءَ جي برخلاف جاهلي ۽ بي علم صوفي ۽ اهي ماڻهو جيڪي حقيقي تصوف جا منڪر آهن سي دين جا رهزن ۽ ڌاڙيل آهن تن کان ڏور ڀڄو" (وصيت نامہ شاه ولي الله بحوالہ حجۃ الله البالغہ حصو پهريون تعارف مولانا عبدالرحيم)



### بهشت وارن جي حسرت:

حديث شريف ۾ آهي تہ جنت ۾ جنت وارن جي ڪا بہ حسرت نہ هوندي سواءِ هڪ حسرت جي اها اها حسرت هوندي تہ ڪين دنيا ۾ هنن جيڪو وقت ذڪر کانسواءِ گذاريو سو ايئن ڇو گذاريو سي.

### دوستيءَ جا سگهارا اثر:

دوستي/ سنگت وارا ناتا ڳنڍڻ ۾ احتياط ڪرڻ گهڻو ضروري آهي ماڻهو سڀ کان وڌيڪ دوست جا ئي اثر قبول ڪندو آهي. هيءَ چوڻي مشهور آهي تہ ڪنهن کي جيڪڏهن سمجهڻو آهي تہ سندس دوست ڏسو، سندس دوست جنهن ڪردار ۽ سيرت وارا هوندا تہ اهو پڻ انهن جهڙو هوندو.

مولانا رومي دوستيءَ جي اثرن کي تمثيل ذريعي سمجهايو آهي. هو چوي ٿو تہ هڪ پالتو ڪڪڙ هڪ اٺ سان دوستي رکي، اٺ ڪافي پيرا ڪڪڙ جي دعوت ڪئي. پالتو ڪڪڙ کي احساس ٿيو تہ اٺ پاران ايتري تواضع ۽ منهنجي پاران ٻُڙي اهو تہ مناسب نہ آهي، تنهن ڪري ڪڪڙ پنهنجي گهر ان جي دعوت ڪئي اٺ جيئن ئي مٽيءَ سان ٺهيل ڪڪڙ جي گهر پير رکيو تہ اهو سڄو گهر ڊهي پيو مولانا روميءَ فرمايو تہ سگهارين خراب عادتن وارن ماڻهن جي دوستيءَ جا اهي ئي اثر ٿيندا آهن تہ وڏين ڪوششن سان سٺي سيرت ۽ ڪردار جو جيڪو گهر ٺاهيو ويندو آهي سو ڊهي پٽ ٿي ويندو آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

حتيٰ اذا جاءنا قال يا ليت بيني وبينک بعد المشرقين فبئس القرين.

(ايستائين جو هو جڏهن اسان وٽ ايندو (پنهنجي دوست کي مخاطب ٿيندي) چوندو اي ڪاش! منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولهہ جيترو مفاصلو هجي ها. تون خراب ساٿي آهين).

# اسان جا ڪجهه اهم معاملات

## احاديث نبوي جي روشني ۾

### رحمت جا سؤ حصا

### نوانوي حصا آخرت ۾ ظاهر ٿيندا:

فرمايائون: الله تعاليٰ جنهن ڏينهن رحمت کي پيدا ڪيو، ته ان جا سؤ حصا ڪيا، پوءِ نوانوي حصا پاڻ وٽ رکيائين، صرف هڪ حصو پنهنجي ساري مخلوق لاءِ موڪليائين. تنهنڪري جيڪڏهن ڪافر کي ساري رحمت جو پتو پوي، ته هو ڪڏهن به جنت کان مايوس نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن مؤمن کي الله جي طرفان هر قسم جي عذاب جو پتو پوي، ته هو دوزخ کان ڪڏهن به بي خوف نه ٿيندو. (صحيح بخاري)

مؤمن جي سڀ کان وڏي علامت الله جو خوف ۽ الله جي عذاب کان ڊپ آهي، ڊپ جي هي حالت ان تي اڪثر طاري رهي ٿي، هو پنهنجي حشر بابت ڊڄندو رهي ٿو ته آخرت ۾ مون سان الائي ڇا ٿيندو، ڪٿي جهنم جو ٻارڻ نه بڻجندس؟ اهو خوف ان کي مستقل طور تي الله جي ناراضگي کان بچڻ جي دعا گهرڻ وارو بڻجي ٿو.

### دنيا کان بچڻ واري کي، الله بچائيندو:

فرمايائون: جيڪو توهان مان (دنيا کان) بچندو رهندو، الله ان کي بچائيندو، جيڪو صبر ڪرڻ چاهي، الله ان کي صبر عطا ڪندو ۽ جيڪو غنا (اسودگي) چاهي، الله ان کي مستغني (آسودو) ڪري ڇڏيندو ۽ توهان کي الله جي نعمت صبر کان وڏيڪ ڪا به نعمت ناهي ملي. (صحيح بخاري ٦٤٧٠)



دنيا جي گهٽائي جو فڪر هر شخص کي آهي، جنهن کي دنيا حاصل آهي، اهو وڌيڪ دنيا جي ڪوشش ۾ مصروف آهي، جنهن وٽ دنيا ناهي، ان کي دنيا جا لاڙا ۽ ان جي ڳڻتي آهي. جيڪو دنيا کان بچڻ جي خاص ڪوشش ڪندو ۽ ان کي تزڪيه نفس جي مرحلن مان گذرڻ پوندو، الله ان کي دنيا جي گهٽائي ۽ ان جي آفتن کان بچائيندو ۽ دنيا جي حوالي سان ان جي مزاج ۾ صبر پيدا ڪندو ۽ جيڪو دل جو غني بڻجڻ چاهي، الله ان کي دولت جي بغير دل جو غني بڻائيندو ۽ ان جي اندر مان دنيا جي محبت ۽ ان جو رعب ڪڍي ان کي غني ڪندو. دنيا جي حوالي سان بي نيازي ۽ صبر جي نعمت کان وڌيڪ ڪا نعمت ناهي.

### وات مان ڳالهه ڪڍڻ جا نقصانڪار اثر:

فرمايائون: بندو پنهنجي زبان مان هڪ ڳالهه ڪڍي ٿو ۽ ان بابت غور و فڪر نه ٿو ڪري، ان سبب هو دوزخ جي ڪڏ ۾ ايترو پري وڃي ڪرندو جيترو مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ فاصلو آهي. (صحيح مسلم ٢٩٢٨)

زبان، انسان جي شخصيت ۽ ان جي باطن ۾ موجود جذبات جي ترجمان ٿئي ٿي. زبان سان جيڪڏهن تڪبر جو مظاهرو ٿئي، يا حسد، يا ٻين جي تحقير ۽ پنهنجي وڏائي جو... اهي سڀ شيون اهڙيون آهن جيڪي بندي جي اعمال کي تباهه ڪرڻ جو وسيلو بڻجي وڃن ٿيون. جيڪڏهن زبان سان شرڪ يا ملحدانه خيالات جو اظهار ٿئي، جيئن اڄ ڪلهه سيڪولرازم جي غالب ٿيڻ جي سبب ٿي رهيو آهي، ۽ اسلامي اقدار کي

مجروح ڪيو پيو وڃي، تہ اهو الله جي سخت ناراضگي جي علامت آهي، ۽ سخت سزا جو سبب پڻ.

## دوزخ جي چوڌاري نفساني خواهشن جي ڪنڊي:

فرمايائون: دوزخ جي چوڌاري نفساني خواهشن جي ڪنڊي لڳائي وئي آهي، جڏهن تہ جنت کي مشڪلاتن ۽ سختين سان ڍڪيو ويو آهي. (صحيح بخاري ٦٤٧٨)

حديث مان معلوم ٿئي ٿو تہ دوزخ کي نفساني خواهشن سان سينگاريو ويو آهي، يعني نفساني خواهشن ۾ دوزخ جو اثر رکيل آهي، نفس پرست انسانن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. جڏهن تہ نفس جي قوتن کي تابع ڪرڻ لاءِ مشقتون ۽ مجاهدن کان ڪم وٺندڙن لاءِ جنت ٺڪاڻو آهي، يعني جنت کي مشڪلاتن ۽ سختين سان ڍڪيو ويو آهي.

دنيا ۾ ٿيندڙ ساري بُرائين ۽ فساد جي پويان نفس جون مڪاريون هونديون آهن، ظلم هجي، ٽڪراءُ هجي، بيحيائي هجي، ٻين تي بالادستي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش هجي، اهي ساريون بُرائيون نفس پرستي جو نتيجو هونديون آهن، ان ڪري دوزخ کي صرف نفس پرست انسانن لاءِ ٺاهيو ويو آهي.

## نيڪ عمل تي ڏهوڻ کان سئوڻ نيڪيون ملڻ جي خوشخبري:

فرمايائون: الله تعاليٰ نيڪيون ۽ برائيون لکيون، پوءِ انهن کي صاف بيان ڪري ڇڏيو تنهنڪري جنهن نيڪي جو ارادو ڪيو ۽ ان مطابق عمل بہ ڪيو تہ الله تعاليٰ ان لاءِ پاڻ وٽ ڏس نيڪين کان وٺي ست سؤ نيڪيون لکندو آهي، بلڪ ان کان بہ وڌائي لکندو آهي، ۽ جنهن بُرائي جو ارادو ڪيو، پر ان تي عمل نہ ڪيو تہ الله تعاليٰ ان لاءِ پاڻ وٽ هڪ مڪمل نيڪي



لکندو آهي، ۽ جيڪڏهن هن بُرائي جي ارادي کان پوءِ ان تي عمل ڪيو تہ الله تعاليٰ پاڻ وٽ ان لاءِ هڪ ئي بُرائي لکندو آهي- (صحيح بخاري 6491)

هي الله جي رحمت آهي تہ هو انسان پاران نيڪي جي ارادي ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ هر عمل تي ڏهوڻ کان ست سئوڻ تائين نيڪيون لکندو آهي، الله جي هن رحمت مان فائدو حاصل ڪري، الله جي ڏنل مهلت عمر کي نيڪين ۾ گذارڻ گهرجي. هي خوش قسمت ماڻهن جو ڪم آهي جيڪي اهڙو ڪن ٿا. هي بہ الله جي رحمت آهي تہ بُرائين جي ارادي تي پڪڙ ناهي ۽ هڪ بُرائي جو گناهہ صرف هڪ گناهہ ئي شمار ٿيندو، هي ان جي شان رحيمي آهي.

## شهرت جي طالب جي سزا:

فرمايائون: جيڪو انسان شهرت جو طلبگار آهي، الله تعاليٰ ان جي شهرت جي حالت سڀني کي ٻڌائي ڇڏيندو ۽ جيڪو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نيڪ عمل ڪندو، الله تعاليٰ (قيامت جي ڏينهن) ان جي رياڪاري کي ظاهر ڪندو. (صحيح بخاري 6499)

شهرت جي طلب هڪ بُري بلا آهي، موجوده دور ۾ جڏهن تہ سوشل ميڊيا جي ذريعي شهرت حاصل ڪرڻ جا سڀني کي موقعا مهيا آهن، ان ڪري هر ذهين ۽ باصلاحيت فرد انهن موقعن مان فائدو وٺڻ جي ڪري رهيو آهي. شهرت کان بچڻ ۽ صرف الله خاطر ڪم ڪرڻ، جيتوڻيڪ مشڪل آهي، پر اهڙي شخص کي هڪ تہ دل جي سڪون حاصل ٿئي ٿو ٻيو هي آهي تہ هو آخرت ۾ ذلت کان بچي ويندو. آخرت ۾ ذلت کان بچڻ معمولي ڪاميابي ناهي، بلڪ هڪ وڏي ڪاميابي آهي. قرآن جي آيت جو ترجمو آهي، جيڪو باهہ کان بچايو ويو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو ويو اهو ئي ڪامياب (انسان) آهي.

## پنهنجي ڀاءُ کان معاف ڪرائڻ جي اهميت:

فرمايائون: جنهن پنهنجي ڀاءُ تي ظلم ڪيو آهي، ان کي گهرجي تہ ان کان معاف ڪرائي، چاڪاڻ تہ اتي درهم ۽ دينار نہ هوندا، ان کان اڳ جو ڀاءُ جو بدلو چڪائڻ لاءِ سندس نيڪين مان ڪجهہ کنيو وڃي. جيڪڏهن نيڪيون نہ هوندس تہ مظلوم جون بديون ان تي هنيون وينديون. (صحيح بخاري 6534)

## الله جي راه ۾ هڪ صبح يا هڪ شام گذارڻ جي اهميت:

فرمايائون: الله جي راه ۾ هڪ صبح يا هڪ شام گذارڻ دنيا ۽ ان ۾ جيڪو آهي ان کان بهتر آهي. (مسند اسحاق حديث نمبر: 519)

هي حديث شريف اڳ ۾ بہ آئي آهي. هن حديث ۾ اخلاص سان الله جي دين جي دعوت جي ڪم جي ترغيب آهي، تہ اهڙي فرد جو ٿورو وقت بہ هن ڪم ۾ لڳائڻ الله کي تمام پسند آهي، ۽ دنيا ۽ ان ۾ جيڪو آهي ان کان بهتر آهي. اندازو ڪريو تہ جيڪي فرد پنهنجيون ساريون زندگيون الله جي دين جي لاءِ صرف ڪن ٿا، انهن جي خوش نصيبي جو ڇا حال هوندو!

## عمر وڌڻ سان ڊگهي عمر جي خواهش:

فرمايون: "ماڻهو پوڙهو ٿي ويندو آهي، پر ان جي اندر بہ شيون جوان رهنديون آهن: هڪ (ڊگهي) عمر جي خواهش، ۽ ٻيو مال جو حرص." (ترمذي 2339)

هي حديث شريف لفظن جي تبديلي سان ٻي جڳهہ تي پڻ آئي آهي تہ مال جي محبت ۽ وڌيڪ عمر جي طلب عمر وڌڻ سان اڪثر پيدا ٿيندي آهي. عمر وڌڻ جي طلب ان اعتبار کان تہ فطري آهي جو انسان موت کان



گهبرائيندو آهي، ۽ ان لحاظ کان صحيح آهي تہ جيئن وڌيڪ کان وڌيڪ نيڪيون ڪري آخرت جو سامان جمع ڪيو وڃي.

## توهان آخرت جا طلبگار بڻجو، دنيا جا نہ:

صحيح بخاري ۾ "ڪتاب الڪاب" ۾ بيان ڪيل آهي تہ حضرت عليؓ چيو تہ دنيا پُٺي ڏيڻ واري آهي ۽ آخرت سامهون اچي رهي آهي. انسانن ۾ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جا خواهشمند موجود آهن. تنهنڪري توهان آخرت جا خواهشمند بڻجو دنيا جا خواهشمند نہ بڻجو ڇو تہ اڄ فقط عمل جو وقت آهي، حساب جي ڳالهہ ناهي، ۽ سڀاڻي حساب ئي حساب ٿيندو ۽ عمل جو وقت باقي نہ رهندو. (صحيح بخاري6417)

دنيا جي زندگي تيز سان رخصت ٿي رهي آهي ۽ آخرت سامهون جي ڳالهہ آهي، ٻنهي جا طلبگار موجود آهن. دنيا جا طلبگار ڪثرت سان موجود آهن، ڇو جو دنيا ۾ نقد آهي، آخرت لڪائي وئي آهي. خوش نصيب آهي اهو فرد جيڪو دنيا جي خواهش کان بچي آخرت جي تياري ۾ مصروف آهي، ڇو تہ اصل زندگي اُها آهي.

## شام ٿي وڃي تہ صبح جو انتظار نہ ڪريو:

فرمايائون: شام ٿي وڃي تہ صبح جي انتظار ۾ نہ رهو ۽ صبح ٿي وڃي تہ شام جو انتظار نہ ڪريو. تندرستي جي حالت ۾ اهڙا عمل ڪريو جيڪي بيماري جي ڏينهن ۾ ڪم اچن. ۽ موت کان اڳ زندگي کي غنيمت سمجهو. (صحيح بخاري 6416)

اسلام فرد ۾ اهڙو مزاج پيدا ڪرڻ چاهي ٿو جو هو ذهني طور تي موت لاءِ تيار رهي، ۽ دنيا جي حوالي سان ان جي ڪا خاص منصوبہ بندي نہ هجي. صبح ٿيندي آهي تہ آخرت جي فڪر سان اٿندو آهي، رات ٿيندي آهي تہ موت کي ياد رکي سمهندو آهي. اهو سندس روزمره جي زندگي جو

معمول هوندو آهي. مومن ڪوشش ۾ رهندو آهي تہ صحت جي حالت ۾ وڌيڪ کان وڌيڪ نيڪيون ڪري.

## الله جي دوست سان دشمني رکڻ وارن خلاف اعلان جنگ:

فرمايائون: (حديث قدسي ۾) الله تعاليٰ فرمائي ٿو: جن هن جي ڪنهن دوست سان دشمني اختيار ڪئي، ان جي خلاف منهنجي طرفان اعلان جنگ آهي. (صحيح بخاري6021)

الله جي دوستن سان دوستي جو تعلق قائم ڪرڻ، الله سان تعلق مضبوط ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو ڇو تہ الله جي دوستن جو الله سان محبت جو تعلق مضبوط هوندو آهي، الله جي اطاعت ان جو عمل بڻجي وڃي ٿي، اهي الله سان ان قدر سونهان ٿي ويندا آهن جو غير الله سان سندن واسطو ختم ٿي ويندو آهي. الله جي دوستن سان دشمني الله سان جنگ جهڙو آهي. هي هڪ سخت تنبيه آهي، جيڪا الله جي دوستن جي مخالفن کي ڏني وئي آهي. اسان جي بدقسمتي آهي تہ موجوده دور ۾ دلين مان الله جي دوستن جي قدر ۽ قيمت ختم ٿي وئي آهي، حالانڪہ دين جي حقيقت ۽ ان جي روح تائين رسائي الله جي دوستن سان (جن کي اصطلاح ۾ اهل الله چيو ويندو آهي) دوستي جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿي.

ڪتابن مان دين جي علمي ۽ ذهني سمجه ملندي آهي ۽ دين جي باري ۾ بنيادي رهنمائي حاصل ٿيندي آهي. دين تي هلڻ ۽ اخلاق حسنه جي سعادت الله جي دوستن سان دوستي وارو تعلق قائم ڪرڻ جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندي آهي. هي نڪتو نہ سمجهڻ جو نتيجو آهي جو معاشرو عملي طور تي دين کان دور ٿيندو پيو وڃي. جيسين تائين الله جي دوستن جي مخالفت جي روش ختم نہ ڪئي ويندي، انهن سان دوستي جي صورت پيدا نہ ٿيندي، اسان جي حالتن ۾ بهتري پيدا نہ ٿيندي.

الله جي دوستن جي علامت هي آهي تہ انهن سان ملي الله ياد اچڻ لڳي ٿو ۽ دنيا جا اثرات گهٽ ٿيڻ لڳن ٿا، آخرت جو فڪر وڌڻ لڳي ٿو ۽ الله جو



رنگ آهستہ آهستہ گهرو ٿيڻ لڳي ٿو. هي علامتون جتي بہ موجود هونديون، اهي الله جو دوست شمار ٿيندو ان جي دوستي الله جي دوستي جي مترادف آهي، ان جي دشمني الله سان دشمني شمار ٿيندي.

## نوافل جي ذريعي قرب حاصل ڪرڻ وارن سان الله جا خاص معاملا:

فرمايائون: منهنجو بندو نوافل جي ذريعي ميري قربت حاصل ڪرڻ ۾ مصروف رهي ٿو ايسيتائين جو مان هن سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو ۽ جڏهن مان هن سان محبت ڪريان ٿو تہ مان هن جو اهو ڪن بڻجي وڃان ٿو جنهن سان هو ٻڌندو آهي، هن جي اها اک بڻجي وڃان ٿو جنهن سان هو ڏسي ٿو ۽ ان جو اهو هٿ بڻجي وڃان ٿو، جنهن سان هو پڪڙيندو آهي، ۽ ان جا اهي پير بڻجي وڃان ٿو جن سان هو هلندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو مون کان ڪنهن شيءِ جو سوال ڪري، تہ مان ان کي ضرور عطا ڪريان ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ کان پناهہ طلب ڪري، تہ مان ان کي ضرور پناهہ ڏيان ٿو." (بخاري شريف، ڪتاب الرقاق، باب التواضع، ج: 8، ص: 105، رقم: 6502)

نوافل يا نفلي عبادت سان الله جو مقرب ٿي وڃڻ ۽ الله جي رنگ ۾ رنگجي الله جي ويجهو ٿيڻ ۽ پنهنجي مرضي کي الله جي مرضيءَ حوالي ڪرڻ، ان جي نتيجي ۾ الله طرفان رحمت جي بارش ٿيڻ، هن حديث مان ثابت آهي. اهڙن فردن جي خوش نصيبي جي ڇا ڳالهہ ڪجي، هي سعادت نوافل يا نفلي عبادت جي ڪثرت سان حاصل ٿئي ٿي. نفلي عبادت جي ڪثرت سان نفس جي قوت ڪمزور ٿي وڃي ٿي ۽ مڪمل طور تي الله جي تابع ٿيڻ لڳي ٿي، فرد جي خواهش ان جي مطابق ٿي وڃي ٿي، جيڪا الله جي خواهش هوندي آهي، الله جي لاءِ محبت ۽ الله جي لاءِ دشمني فرد جي مزاج جو حصو بڻجي ويندي آهي، جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي وڃي ٿو جيڪو والهانه محبت سان ٿئي ٿو تہ پوءِ الله بندي جو ڪن بڻجي وڃي ٿو ان جو

هٿ ۾ پيير بڻجي وڃي ٿو الله جي طرفان هي عظيم سعادت جنهن کي عطا ٿيندي، اهي دنيا جا سڀ کان خوش نصيب فرد سمجهيا ويندا.

هي حديث ۾ متن نفل (نفلي عبادت) جي اهميت ۽ ان جي ذريعي الله تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ بابت هڪ گهري بصيرت مهيا ڪن ٿا. نفل جو مقصد صرف عبادت نہ پر الله سان تعلق کي مضبوط ڪرڻ ۽ ان جي محبت حاصل ڪرڻ آهي. نفل جي عبادت سان بندو الله جي ويجهو ٿي وڃي ٿو ۽ الله تعاليٰ ان بندي سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو، جا هڪ عظيم سعادت آهي. جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن بندي سان محبت ڪندو آهي تہ هو ان جي مدد، رهنمائي ۽ حفاظت ڪندو آهي. هي ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ جڏهن انسان الله جي ويجهو ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي رهنمائي ڪندو آهي، ان جي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪندو آهي، ۽ اعمال ۾ برڪت ڏيندو آهي. نفل جي ڪثرت سان انسان جو نفس ڪمزور ٿي وڃي ٿو ۽ هو پنهنجي خواهشن کي الله جي مرضي جي تابع ڪري وٺندو آهي.

هي خوش نصيبي صرف انهن ماڻهن کي نصيب ٿئي ٿي جيڪي نفل جي عبادت ۾ مشغول رهندا آهن ۽ الله سان پنهنجي تعلق کي مضبوط ڪندا آهن. حقيقت ۾، نفل جي عبادت هڪ رستو آهي جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي اندر الله جي محبت، رحمت ۽ ويجهڙائيءَ کي محسوس ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح، نفل جي عبادت نہ صرف روحاني فائدا مهيا ڪري ٿي پر انسان جي زندگي کي الله جي رضا جي مطابق ٺاهڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿي رهي آهي. هي هڪ اهڙو وسيلو آهي جنهن ذريعي بندو پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ ۾ الله جي رحمت جو مستحق بڻجي سگهي ٿو.

## ميت جي پويان ٽي شيون رهجي وينديون آهن:

فرمايائون: ٽي شيون ميت جي پويان رهجي وينديون آهن، پوءِ ٻہ شيون واپس اچي وينديون آهن، ۽ هڪ ان سان گڏ رهجي ويندي آهي. ان جا گهر



وارا، ان جو مال واپس اچي ويندا آهن، ۽ ان جو عمل (ان سان) رهجي ويندو آهي. (سلسلہ احاديث صحيح ١٧٨١)

هي حديث شريف اسان کي قبر جي تياري لاءِ اتساهڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي، جو قبر ۾ صرف عمل ئي ڪم ايندا، مال ۽ اولاد تہ دنيا ۾ ئي رهجي ويندا، عمل جيڪڏهن صالح هوندا ۽ عمل ۾ جيڪڏهن اخلاص هوندو تہ قبر ۽ حشر جي رڻ ۾ آساني ٿيندي، نہ تہ فرد جي دائمي زندگي عذاب بڻجي ويندي، شال الله اسان کي قبر جي تياري جي توفيق عطا فرمائي.

## الله کي ڌيان تي رکو، تہ توهان الله کي سامهون لهندئو:

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنہ جي روايت آهي، رسول الله ﷺ کيس فرمايو: مان تو کي چند اهم ڳالهين جي نصيحت ٿو ڪريان (انهن کي ياد رک). (پهريون) الله جي (احڪام جي) حفاظت ڪر، الله تنهنجي حفاظت ڪندو، (ٻيو) الله جو ڌيان رک تہ الله کي پنهنجي سامهون لهندين، جڏهن تون سوال ڪرين تہ صرف الله کان ڪر، جڏهن تون مدد گهرين تہ الله کان مدد طلب ڪر. (سنن الترمذي، كتاب صفة القيامة والرقائق والورع، ۴: ٦٦٧، الرقم: ٢٥١٦)

هن حديث شريف ۾ ساريون شيون اهم آهن، هڪ اهم ڳالهہ الله جي ڌيان کي جمائڻ جي نتيجي ۾ الله کي پنهنجي سامهون موجود پائڻ جي خوشخبري آهي. الله جو ڌيان ائين آهي تہ جڏهن مسلسل ائين ڪرڻ سان ڌيان مستحڪم ٿيڻ لڳي ٿو تہ ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ تہ الله سامهون موجود آهي. الله جي سامهون موجود هجڻ جي احساس جي غلبي جي سبب گناهن ۽ غفلت جي زندگي کان بچڻ جي صورت پيدا ٿيڻ لڳي ٿي. اهل-الله وٽ الله جي اسم ذات جي ذڪر جو ڌيان جمائڻ جون جيڪي مشقون ٿين ٿيون، اهي هن حديث مان ورتل آهن، جنهن سان تقويٰ ۽ خدا خوفي جو رنگ پيدا ٿيڻ لڳي ٿو.

## الله لاءِ محبت ڪرڻ واري سان الله جي محبت:

فرمايائون: هڪ شخص پنهنجي ڀاءُ سان ملڻ لاءِ سندس ڳوٺ ويو الله هن جي رستي ۾ فرشتو ويهاريو پوءِ جڏهن اهو فرد ان فرشتي وٽ پهتو ته فرشتي ان کان پڇيو ته ڪٿي پيو وڃين، ان جواب ڏنو مان فلاڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي هڪ ڀاءُ سان ملڻ پيو وڃان. فرشتي چيو ڇا تنهنجو ان تي ڪو احسان آهي، جنهن جو تون بدلو وٺڻ پيو وڃين، پوءِ ان جواب ڏنو نه، مان ته صرف الله جي خاطر ان سان محبت ڪريان ٿو فرشتي جواب ڏنو پوءِ مان الله جي طرفان تو وٽ موڪليل آهيان ته الله تعاليٰ تو سان ائين محبت ڪري ٿو جيئن تون ان (الله) جي خاطر ان (بندي) سان محبت ڪرين ٿو. (مسند اسحاق حديث نمبر: ۵۴۵)

الله جي خاطر محبت ڪرڻ ۽ ان جي خاطر سفر ڪري اتي وڃڻ جي اهميت جي حوالي سان هي تمام اهم حديث آهي. اسان وٽ هڪ دور هو جڏهن الله جي محبت جي خاطر الله جي مقرب بندن سان ملاقات ۽ انهن وٽ رهڻ جو رواج هو الله وارن جون خانقاهون هر وقت پري کان ايندڙ ماڻهن سان ڀريون رهنديون هيون، ۽ ماڻهو انهن خانقاهن ۾ الله جي محبت جي ارتقائي مرحلن کي طي ڪرڻ لاءِ ٽڪندا ها، الله جي مقرب بندن جي صحبت ۽ ذڪر جي بدولت دلين مان غير الله جي محبت جا اثرات نڪرندا ها، ان طرح ماڻهو صرف الله جي خاطر جيئڻ جي صلاحيت وارا بڻبا هئا. پر هن وقت اسان جو اهو نظام پيچ ڊاهه جو شڪار آهي، هاڻي الله جي محبت جي خاطر ملڻ جو رواج گهٽجي ويو آهي. اهو وڏو الميو آهي.